روزاني
سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 20 فيبروري 2023ع بمطابق 28 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 268

اسٽيبلشمينٽ جي ڪلهي ايندڙ عمران هاڻي عدالتن جي ڪلهي اقتدار چاهي ٿو: مريم نواز

هن ملڪ کي ايماندار ججن جي ضرورت آهي عمران دار ججن جي نہ، ياسمين راشد ليڪ ٿيل آڊيو ۾ چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ اسان جا ماڻهو وينا آهن

سڄي عدليا خراب ناهي پر اتي ڪجهه فيض جا چيلا موجود آهن جيڪي ايجا تائين ڪم ڪري رهيا آهن

مهانگائي ۽ عمران خان هڪ ئي شيءِ جا ٻہ نالا آهن، جڏهن کان عمران خان آيو آهي مهانگائي ختم ٿيڻ جو نالو ٻہ نٿي وٺي

مسلم ليگ نون اليڪشن کان نٽي پيڄي، اليڪشن ڪٽڻ لاءِ ميدان ۾ لهي چڪي آهي ، ملڪ مان مهانگائي ۽ عمران خان کي گڏ ڪٽي ٻاهر اچلائيندا سين

جيڪي بارودي سرنگهون آءِ ايم ايف معاهدي جي صورت ۾ عمران خان وڇائي ويو آهي، شهباز شريف اهي بارودي سرنگهون ڊينهن رات هڪ ڪري ڳولي رهيو آهي

اسٽيبلشمينٽ جي ڪلهن تي ويهي اقتدار ۾ اچڻ چاهي ٿو : راولپنڊي ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب

راولپنڈي(م ن)پاڪستان مسلم ليگ نون جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي تہ عدالتن ۾ ڪجهه فيض جا چمچا موجود آهن جيڪي ايجا تائين ڪم ڪن ٿا. راولپنڈي ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي مريم نواز جو چوڻ هو تہ اسٽيبلشمينٽ جي ڪلهن تي ويهي اقتدار ۾ ايندڙ عمران خان هاڻي واري عدالتن جي ڪلهن تي ويهي اقتدار ۾ اچڻ چاهي ٿو هن چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


راولپنڈي: پاڪستان مسلم ليگ نون جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪري رهي آهي

ڪي پي او حملو: وڏيڪ هڪ زخمي پوليس اهلڪار دم ڏئي

ڇڏيو، شهيدن جو انگ پنج ٿي ويو

ڪراچي (م ن) ڪراچي پوليس آفيس (ڪي پي او) تي دهشتگردن جي حملي ۾ زخمي ٿيندڙ وڏيڪ هڪ پوليس اهلڪار دم ڏئي ڇڏيو، جنهن بعد شهيدن جو انگ پنج ٿي ويو آهي، پوليس موجب ڪراچي پوليس آفيس تي ٿيل حملي ۾ اهلڪار عبداللطيف پڻ زخمي ٿي پيو هو جنهن اسپتال ۾ زخمن جي سور تہ سهندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ن چونڊن جي تاريخ ڏئي سگهون ٿا نہ ئي مشاورت ڪري سگهون ٿا: اليڪشن ڪميشن جو صدر کي جواب

پنجاب ۽ ڪي پي ۾ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن واري معاملي تي اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عمر حميد صدر کي خط لکيو

پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ چونڊن وارو معاملو مختلف عدالتي فورمز تي پڌڻي هيٺ آهي: خط جو متن

اليڪشن ڪميشن فلحال صدارتي آفيس سان مشاورت جي عمل ۾ داخل نٿو ٿي سگهي، جڏهن تہ اداري طرفان ان حوالي سان سومر تي ٽيندڙ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويندو

خط ۾ چاٽايو ويو آهي تہ صدر جي آفيس سڀ کان اعليٰ آئيني ادارو آهي، صدر رياست جو سربراهہ آهي، اليڪشن ڪميشن صدر جو احترام ڪري ٿي

سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن جوچوڻ آهي تہ اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني ۽ قانوني ذميواري کان آگاهہ آهي

پنجاب ۽ ڪي پي جي گورنر ايجا تائين عام چونڊن جي تاريخ ناهي ڏني، پنجاب جي گورنر چيو تہ هوان معاملي تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي بابت قانوني رستو اختيار ڪندا

اسلام آباد(م ن) اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ لاءِ صدر جي مشاورت جي دعوت رد ڪري چڪي، پنجاب ۽ ڪي پي ۾ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن واري معاملي تي اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عمر حميد صدر کي خط لکيو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي تہ پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ چونڊن وارو معاملو مختلف عدالتي فورمز تي پڌڻي هيٺ آهي، اليڪشن ڪميشن فلحال صدارتي آفيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مهانگائي سٽيل عوام تي هڪ بيو بجلي بر ڪرائڻ جي تياري

سي پي پي اي جنوري جي فيول ايڊجسٽمينٽ جي درخواست نيپرا ۾ جمع ڪرائي چڪي

بجلي هڪ رُپيو سترنهن پئسا مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي

ڪراچي (م ن) مهانگائي سٽيل عوام مٿان هڪ بيو بجلي بر ڪيرائڻ جون تيارين شروع ڪيون ويون آهن سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (پي پي پي سي) جي درخواست تي نيپرا جي ريگيوليٽري اٿارٽي ڪيس جي ٻڌڻي ڪري رهي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جو مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف احتجاج

هر دور ۾ اسان کي الهي ٿي منڊيون نظر اينديون آهن، هينئر ضلعي کي بنيادي سهولتن ڪان محروم رکيو پيو وڃي: نعيم الرحمان

ميز جي ٻنهي پاسن کان آءِ ايم ايف جا ماڻهو وڃي ملڪ جا فيصلا ڪري رهيا آهن

شاگردن لاءِ ٻہ شهر ۾ ٽرانسپورٽ جو ڪو ٻہ نظام ناهي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير

ڪراچي(م ن)مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف جماعت اسلامي ڪراچي پاران نيو ايئر اي جناح روڊ تي احتجاج ڪيو ويو آهي. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمٰن احتجاج ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو تہ هن وقت سڄي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09


ڪراچي: مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف جماعت اسلامي جو حافظ نعيم الرحمان خطاب ڪري رهيو آهي



صدر اڪثر عارف علوي (فائيل فوٽو)

چونڊون نہ ڪرائڻ لاءِ بهانا گوليا پيا وڻن، آئين ۾ خامين ڪري ڪوڙ بدران ان جي پاسداري ڪئي وڃي: صدر

ائين محسوس پيو ٿئي تہ هن سيٽ اپ کي ڪو سهارو ملي رهيو آهي

جنرل رٽائرڈ باجوا کي ملازمت جي مدي ۾ واڌ ڏيڻ واري معاملي بابت عمران خان ئي ٻڌائي سگهي ٿو

عمران خان جي گرفتاري سان ملڪ جون حالتون وڏيڪ خراب ٿي ويندیون

اسلام آباد(م ن) صدر عارف علوي چيو آهي تہ چونڊون نہ ڪرائڻ لاءِ بهانا گوليا پيا وڻن. جنهن ڪري مون کي اليڪشن ڪميشن کي خط لکڻو پيو. اليڪشن جي تاريخ ڏيڻ بدران معاملو هڪٻئي تي اڇلايو پيو وڃي. نجي ٽي وي کي ڏنل انٽرويو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گرفتاري ڏئي جيل پريو تحريڪ شروع ڪنداسين: عمران خان

اربع تي سڀ کان پهرين آئون گرفتاري ڏئي جيل پريو تحريڪ جي شروعات ڪندس

تحريڪ انصاف جيل پريو تحريڪ بابت ڪارڪنن جي گرفتارين جو شيڊول جاري ڪيو آهي

سرگوڌا ۾ سومر ۽ ساهيوال ۾ اڳاري جي ڊينهن گرفتاريون ڏنيون ويندیون

لاهور (م ن) تحريڪ انصاف جي چيئرمين پاران اربع تي پنهنجي گرفتاري ڏئي جيل پريو تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. عمران خان چيو آهي تہ اربع تي سڀ کان پهرين آئون گرفتاري ڏئي جيل پريو تحريڪ جي شروعات ڪندس ٻۓ سڄي ملڪ مان ڪارڪن عوام گرفتاريون ڏينداولاهور جي علاقائي زمان پارڪ ۾ صحافين سان ملاقات دوران عمران خان جيل پريو تحريڪ جي تيارين ۽ هدف تي ڳالهيون ڪيون. ان حوالي سان ڏاڍو جو چوڻ آهي تہ تحريڪ انصاف جيل پريو تحريڪ بابت ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پوليس آفيس حملي جي جاچ جلد پوري ڪئي ويندي: غلام نبي ميمڻ

ڪراچي پوليس آفيس ۾ ٽيندڙ حملي جي جاچ کي تمام جلد منتقي انجام تائين پهچايو ويندو

حملي جي جاچ کي منتقي انجام تي پهچايو ويندو، واقعي جي جاچ لاءِ هاءِ پاور ڊ ڪميٽي جوڙي ورتي آهي

پوليس لائينز ۾ انهن ۾ موجود مسجدن جي سيڪيورٽي کي وڏيڪ بهتر بڻايو وڃي

شهيدن جي وارثن جو خيال رکيو وڃي ۽ زخمين کي مڪمل طبي سهولتون ڏنيون وڃن : آءِ جي سنڌ پاران اجلاس دوران ڳالهيون

ڪراچي(م ن) ڪراچي ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٽيو جنهن ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي هن چيو تہ ڪراچي پوليس آفيس ۾ ٽيندڙ حملي جي جاچ کي تمام جلد منتقي انجام تائين پهچايو ويندو. اعليٰ سطحي اجلاس ۾ سڄي صوبي جي سيڪيورٽي جو جائزو ورتو ويو. آءِ جي سنڌ چيو تہ ڪراچي پوليس چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04


ميونخ: پڌيهي وزير بلاول پٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

صدر جو پٽ فوج خلاف سوشل ميڊيا تي مهم هلائڻ ۾ ملوث آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات ڪاتي واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي ٽوئيٽر پيغام ۾ چيو آهي تہ صدر عارف علوي ڪي صدر جي منصب ۽ ڪردار کي سمجهڻ گهرجي. هن چيو تہ صدر ڪي ٽائيگر فورس جي ميمبر وانگر ڪر ٿہ ڪرڻ گهرجي. صوبائي وزير چيو تہ صدر فوجر جو سپهر ڪمانڊر آهي پر بدقسمتي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نيب چيئرمين آفتاب سلطان حڪومتي دٻاءَ کان تنگ اچي استعيفيٰ ڏيڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو

نيب چيئرمين باضابطا استعيفيٰ نہ ڏني آهي پر ويجهن دوستن سان استعيفيٰ ڏيڻ جو اظهار ضرور ڪيو آهي: ذريعا

آفتاب سلطان هڪ سڀني ساڪ رکندڙ آفيسر طور سڃاتو ويندو آهي، پنجاب جو آءِ جي ٻہ رهيو

حڪومت کي جسٽس جاويد اقبال جهڙو نيب چيئرمين گهربل آهي ان ڪري آفتاب سلطان استعيفيٰ تي غور ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م ن) نيب چيئرمين آفتاب سلطان حڪومتي دٻاءَ کان تنگ اچي استعيفيٰ ڏيڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي، اهي به اڳواٽ اهن تہ هن استعيفيٰ نہ ڏني آهي پر ذريعن جو چوڻ آهي تہ هن ايجان باضابطا استعيفيٰ نہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16


ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري پي ايس ايل جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اچي رهيو آهي

خواجا آصف تڪراري ٽوئيٽ تي نجم سيٺي کي مفاد پرست قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م ن) ٻڌاءَ واري وزير خواجا آصف تڪراري ٽوئيٽ تي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ مئنيجمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين نجم سيٺي کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي ڪيس مفاد پرست قصرار ڏئي ڇڏيو. نجم سيٺي پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو هو تہ پابندي ڏهيل تحريڪ طالبان پاڪستان رڳو سڪيورٽي استيبلشمينٽ تي حملو ڪندي، ڇاڪاڻ تہ هن معاهدو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سپريم ڪورٽ جو غير رسمي اجلاس، جسٽس مظاهر علي ڪي استعيفيٰ ڏيڻ جي صلاح

جيڪي 3 آڊيو منظر تي آيون آهن، ان کان وڌيڪ خطرناڪ آڊيوا ها آهي جيڪا منظر عام تي نہ آئي آهي: صحافي

اجلاس ۾ صورتحال جو جائزو ورتو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ اهي امڪان آهن تہ جنهن جج جي آڊيو منظر تي آئي آهي اهو شايد استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

لاهور (م ن) آئيني اداري جي هڪ جج جي آڊيو ليڪ ٿيڻ ڪانپوءِ ٽرئلو پئجي ويو آهي ۽ هڪ غير رسمي اجلاس ٻہ ٽي ڇڪو آهي. نامياري صحافي موجب جيڪي 3 آڊيو منظر تي آيون آهن، ان کان وڌيڪ خطرناڪ آڊيوا ها آهي جيڪا منظر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عارف علوي صاحب! پنهنجي اوقات ۾ رهہ، خواجا آصف جي صدر تي چتي تنقيد

صدر اليڪشن ڪميشن جون آئيني حدون نہ اورانگهي ۽ نہ سياست ڪري : خواجہ آصف

عارف علوي کي يار ڪڻ گهرجي تہ هو صدر جي عهدي تي 2018ع جي سليڪشن جي نتيجي ۾ قابض ٿيو هو

عارف علوي پنهنجو نہ تہ پنهنجي عهدي جو خيال ڪري : بجاءُ وارو وفاقي وزير

اسلام آباد(م ن) بجاءُ واري وزير خواجا آصف صدر کي چتي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي تہ عارف علوي پنهنجي آئيني اوقات ۾ رهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

(ن) ليگ توشه خان چور ۽ ملڪ دشمن خلاف مهر هڻائي رهي آهي: مريم اورنگزيب

عدليه جو مذاق ۽ توهين جيڪا اوهان ڪري رهيا آهيو، ان جي مثال ڪٿي ٻہ نٿي ملي

عمران خان صاحب اهي بيان ڏيڻ لاءِ تمام گهٽي بيشرمي گهرجي

اسلام آباد: (م ن) سَڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي تہ مسلم ليگ(ن) هاڻ صرف ملڪ خلاف سازش ڪندڙن خلاف مهم هلائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان جي اميرماڻهن کان وڌ ۾ وڌ ٽيڪس وصول ڪيو وڃي: آءِ ايم ايف

سرڪاري ۽ نجي شعبي ۾ سنو ڪمائيندڙن کي پنهنجو حصو وجهڻ جي ضرورت آهي

سبسڊي صرف ان ماڻهن ڏانهن منتقل ڪئي وڃي جنهن جي انهن کي ضرورت آهي

اسلام آباد: (م ن) عالمي مالياتي فنڊ(آءِ ايم ايف) پاڪستان ۾ امير طبقي کان وڌ کان وڌ ٽيڪس وصول ڪرڻ ۽ سبسڊيز ختم ڪرڻ تي زور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

داسو ڊير وٽان سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ جو رخ تبديل ڪيو ويو

داسو ڊير تي ڪم ڪنڊ ڪمپني سنڌو درياهہ جو پاڻي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي

چيني ۽ پاڪستاني ورڪرن سنڌو درياهہ جو پاڻي ٽنل ۾ منتقل ٿيڻ تي خوشي جو اظهار

پشاور(م ن) ڪي پي ڪي جي ضلعي اپر ڪوهستان ۾ تعمير هيٺ داسو هائڊرو پاور پراجيڪٽ جو اهم منصوبو عبور ٿي ويو چيني ڪمپني سوشل ميڊيا اڪائونٽ موجب داسو ڊيم تي ڪم ڪنڊ ڪمپني سنڌو درياهہ جو پاڻي روڪڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20



لاهور: حافظ طاهر محمود اشرفي علماء ومشائخ کنونشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

30 اپريل تائين عمران خان مٿان هڪ بيو حملو ٿي سگهي ٿو: شيخ رشيد

ملڪ کي بحران ڏانهن ڌڪڻ ۾ اليڪشن ڪميشن جو اهم ڪردار آهي

خواجہ آصف پاڻ اعتراف ڪيو آهي تہ ملڪ ڊيفالٽ ٿي چڪو آهي

لاهور (م ن) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جيو آهي تہ صدر عارف علوي جوڻڊن جي تاريخ ڏئي يا استعيفيٰ ڏئي گهر روانو ٿئي. 30 اپريل تائين عمران خان مٿان هڪ بيو بہ حملو ٿي سگهي ٿو اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد لاهور ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24


لاهور: اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد صحافين سان گالهيون ڪري رهيو آهي

شهيد عبدالطيف ڀهادر اهلڪار هو سندس قرباني تاريخ ۾ هميشہ ياد ڪي ويندي: وڏو وزير

شهيد ڪانسٽيبل جي جنازي نماز سرڪاري اعزاز ۽ سلامي سان ادا ڪئي وئي ۽ وڏي وزير شهيد ڪانسٽيبل جي مڙهہ تي گلن جي چادر چاڙهي

جنازي نماز پوليس گارڊن هيڊ ڪوارٽر ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي وزير سعيد غني، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ ۽ پيا شريڪ

وڏي وزير شهيد ڪانسٽيبل جو مڙهہ ايمبولينس تائين پهچايو ۽ مرحوم جي روح جي ثواب خاطر دعا ڪئي

ڪراچي (م ن) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ 17 فيبروري تي ڪراچي پوليس آفيس (ڪي پي او) تي دهشتگرد حملي ۾ زخمي ٿيل ڪانسٽيبل عبداللطيف جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي. شهيد ڪانسٽيبل جي جنازي نماز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18


اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار عطا تارڙ ميڊيا سان گالهائي رهيو آهي

ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جو ڪيس سي ٽي ڊي ٽاڻي ۾ داخل

ڪيس ٽن دهشتگردن، فرار جوابدارن ۽ سهولت ڪارن خلاف داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ دهشتگردي، قتل، قتل جو ارادي سميت ٻيا قلم شامل ڪيا ويا

ڪراچي (م ن) ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جو ڪيس سي ٽي ڊي ٽاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي ڪيس صدر ٽاڻي جي ايس ايچ او جي فرياد ۾ داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12


لاهور: وزيراعظر شهباز شريف پاڪستان ڪدني انسٽيٽيوٽ جي عملدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگرد حملي جي جاچ جو دائرو وڌايو ويو

پين شهرن تائين وڌايو ويو، سي ٽي ڊي ڪراچي جي ٽيم ڪارروائي لاءِ جامشورو پهچي وئي، پين شهرن ۾ ٻہ ڪارروائيون ڪريعن مرڪب ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪانپوءِ جيم فينسنگ دوران حملي جي وقت هڪ سئو ڪان وڌيڪ فون نمبرز مشڪوڪ قرار. حملي ڪانپوءِ انهن شڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي (م ن) ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگرد حملي جي جاچ جو دائرو جامشورو ۽ پين شهرن تائين وڌايو ويو. سي ٽي ڊي ڪراچي جي ٽيم ڪارروائي لاءِ جامشورو پهچي وئي، پين شهرن ۾ ٻہ ڪارروائيون ڪريعن مرڪب ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪانپوءِ جيم فينسنگ دوران حملي جي وقت هڪ سئو ڪان وڌيڪ فون نمبرز مشڪوڪ قرار. حملي ڪانپوءِ انهن شڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جيل پريو تحريڪ شروع ڪيو اهڙو جواب ڏينداسين جو سوچي ٻہ نٿا سگهو: راڻا ثناءُ الله

جيل پريو تحريڪ شروع ڪيو توهان کي اهڙو جواب ڏينداسين جو توهان جي وهم گمان ۾ ٻہ نہ هوندو

مسلم ليگ نون اليڪشن جي لاءِ مڪمل تيار آهي پر ملڪ جي ڪنهن ۾ چونڊون هڪ ئي وقت تي ٿيڻ گهرجن

سلام آباد(م ن)وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي تنبيهہ ڪندي چيو آهي تہ جيل پريو تحريڪ شروع ڪيو توهان کي اهڙو جواب ڏينداسين جو توهان جي وهم گمان ۾ ٻہ نہ هوندو. راولپنڈي ۾ مسلم ليگ نون جي اهلڪارن سان ملاقات دوران راڻا ثناءُ الله پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي تنبيهہ ڪندي چيو آهي تہ جيل پريو تحريڪ شروع ڪيو توهان کي اهڙو جواب ڏينداسين جو توهان جي وهم گمان ۾ ٻہ نہ هوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ميرپور ماٽيلي ويجهو پوليس چوڪي تي فائرنگ، پوليس اهلڪار شهيد، جنازي نماز ادا

قومي شاهراهہ تي مسواڻ پوليس چوڪي تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار مشتاق گذائي شهيد ٿي ويو

چوڪي تي ڊيوٽي دوران پوليس اهلڪار شڪي ماڻهو ڏسي لائيٽ هنئي تہ هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني : پوليس

شهيد مشتاق گذائي جو مڙهہ اسپتال منتقل ڪري ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. شهيد اهلڪار ڀوٽ گل بيگ گذائي جو رهواسي هو

ميرپورماٽيلو (رپورٽر) ميرپور ماٽيلي ويجهو پوليس چوڪي تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار شهيد. قومي شاهراهہ تي مسواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪوئيٽا ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، عورت گرفتار، آپگهاتي جيڪٽ هٿ

سيٽلائيٽ ٽائون جي لبڊيز پارڪ ويجهو ڪارروائي ڪندي هڪ عورت کي گرفتار ڪيو ويو

عورت جي قبضي مان آپگهاتي جيڪٽ هٿ آئي، 4 ڪلوگرام بارودي مواد موجود

ڪوئيٽا (م ن) ڪوئيٽا ۾ سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪندي عورت کي گرفتار ڪري ورتو آهي. سي ٽي ڊي ترجمان موجب سي ٽي ڊي ڪوئيٽا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

مهانگائي نتا ڪيون تہ تباهي ايندي، جلد شين جا اگهہ گهٽ ٿيندا: مصدق ملڪ

پاڪستان ڏهالت نہ ٿيو. اسان سٽ لک نوجوانن کي قرض ڏينداسين

ماني چورائيندڙ کي سزا ڏني ويندي آهي ۽ هيرا موتي چورائيندڙن کان ڪجهہ پڇيو ٻہ ناهي ويندو

عمران خان گهر ۾ ويهي ماڻهن جي ٻارن کي جيل پرڻ جو مشورو ڏئي رهيو آهي : لاهور ۾ پريس ڪانفرنس

لاهور(م ن)پيٽروليم واري وزير مصدق ملڪ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين کي گهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ جي نئين سر بحالي لاءِ نڪتا آهيون: زين شاهہ

سنڌ کي مهانگائي، بيروزگاري ۽ بدامني جي جار ۾ ڦاسايو ويو آهي

سنڌ واسين کي اپيل آهي تہ ڪراچي ۾ گڏ ٿي سنڌ امڙ سان محبت جو اظهار ڪن

لاڙڪاڻو (ٻيورو رپورٽ) ڊجيٽل آدمشماري سميت سنڌ جي برنڊڙ مسئلن خلاف ايس يو پي جي پيادل مارچ جو سفر جاري آهي. مختلف شهرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14


لاهور: پيٽروليم واري وزير مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪوئيٽا ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، عورت گرفتار، آپگهاتي جيڪٽ هٿ

سيٽلائيٽ ٽائون جي لبڊيز پارڪ ويجهو ڪارروائي ڪندي هڪ عورت کي گرفتار ڪيو ويو

عورت جي قبضي مان آپگهاتي جيڪٽ هٿ آئي، 4 ڪلوگرام بارودي مواد موجود

ڪوئيٽا (م ن) ڪوئيٽا ۾ سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪندي عورت کي گرفتار ڪري ورتو آهي. سي ٽي ڊي ترجمان موجب سي ٽي ڊي ڪوئيٽا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪستان جي اميرماڻهن کان وڌ ۾ وڌ ٽيڪس وصول ڪيو وڃي: آءِ ايم ايف

سرڪاري ۽ نجي شعبي ۾ سنو ڪمائيندڙن کي پنهنجو حصو وجهڻ جي ضرورت آهي

سبسڊي صرف ان ماڻهن ڏانهن منتقل ڪئي وڃي جنهن جي انهن کي ضرورت آهي

اسلام آباد: (م ن) عالمي مالياتي فنڊ(آءِ ايم ايف) پاڪستان ۾ امير طبقي کان وڌ کان وڌ ٽيڪس وصول ڪرڻ ۽ سبسڊيز ختم ڪرڻ تي زور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

داسو ڊير وٽان سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ جو رخ تبديل ڪيو ويو

داسو ڊير تي ڪم ڪنڊ ڪمپني سنڌو درياهہ جو پاڻي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي

چيني ۽ پاڪستاني ورڪرن سنڌو درياهہ جو پاڻي ٽنل ۾ منتقل ٿيڻ تي خوشي جو اظهار

پشاور(م ن) ڪي پي ڪي جي ضلعي اپر ڪوهستان ۾ تعمير هيٺ داسو هائڊرو پاور پراجيڪٽ جو اهم منصوبو عبور ٿي ويو چيني ڪمپني سوشل ميڊيا اڪائونٽ موجب داسو ڊيم تي ڪم ڪنڊ ڪمپني سنڌو درياهہ جو پاڻي روڪڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

30 اپريل تائين عمران خان مٿان هڪ بيو حملو ٿي سگهي ٿو: شيخ رشيد

ملڪ کي بحران ڏانهن ڌڪڻ ۾ اليڪشن ڪميشن جو اهم ڪردار آهي

خواجہ آصف پاڻ اعتراف ڪيو آهي تہ ملڪ ڊيفالٽ ٿي چڪو آهي

لاهور (م ن) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جيو آهي تہ صدر عارف علوي جوڻڊن جي تاريخ ڏئي يا استعيفيٰ ڏئي گهر روانو ٿئي. 30 اپريل تائين عمران خان مٿان هڪ بيو بہ حملو ٿي سگهي ٿو اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد لاهور ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد صحافين سان گالهيون ڪري رهيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري عالمي برادري کي افغانستان مان قهلجندڙ دهشتگردي بابت آگاهہ ڪري ڇڏيو

افغانستان جي سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي جو خطرو اهم مسئلو آهي : بلاول ڀٽو زرداري

افغانستان کان ٻاهر بہ هر رنگ ۽ نسل جي دهشتگرد تنظيمن جو وڏو انگ موجود آهي

دهشتگردي کي پاڪستان کان ٻاهرين جاين تي پهچڻ ۾ گهٽو وقت نہ لڳندو

ميونخ(م ن) پڌيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري هڪ پيرو ٻيهر اماراتِ اسلاميا افغانستان کي خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن افغانستان پنهنجي زمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11


بجاءُ وارو وزير خواجا آصف

اين آءِ سي وي ڊي مفت علاج روڪڻ واريون خبرون رد ڪري ڇڏيون

اسپتال ۾ مفت فراهم ڪيو ويندڙ کو بہ علاج روڪيو ويو آهي : ترجمان

29494 مريضن جون پرائمري انجيوپلاسٽيز ۽ اليڪٽو انجيوپلاسٽيز ڪيون ويون

ڪراچي (م ن) اين آءِ سي وي ڊي مفت علاج روڪڻ واريون خبرون رد ڪري ڇڏيون آهي، ترجمان جو چوڻ آهي تہ اين آءِ سي وي ڊي انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جو ڪيس سي ٽي ڊي ٽاڻي ۾ داخل

ڪيس ٽن دهشتگردن، فرار جوابدارن ۽ سهولت ڪارن خلاف داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ دهشتگردي، قتل، قتل جو ارادي سميت ٻيا قلم شامل ڪيا ويا

ڪراچي (م ن) ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جو ڪيس سي ٽي ڊي ٽاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي ڪيس صدر ٽاڻي جي ايس ايچ او جي فرياد ۾ داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور: وزيراعظر شهباز شريف پاڪستان ڪدني انسٽيٽيوٽ جي عملدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگرد حملي جي جاچ جو دائرو جامشورو ۽ پين شهرن تائين وڌايو ويو

پين شهرن تائين وڌايو ويو، سي ٽي ڊي ڪراچي جي ٽيم ڪارروائي لاءِ جامشورو پهچي وئي، پين شهرن ۾ ٻہ ڪارروائيون ڪريعن مرڪب ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪانپوءِ جيم فينسنگ دوران حملي جي وقت هڪ سئو ڪان وڌيڪ فون نمبرز مشڪوڪ قرار. حملي ڪانپوءِ انهن شڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي (م ن) ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگرد حملي جي جاچ جو دائرو جامشورو ۽ پين شهرن تائين وڌايو ويو. سي ٽي ڊي ڪراچي جي ٽيم ڪارروائي لاءِ جامشورو پهچي وئي، پين شهرن ۾ ٻہ ڪارروائيون ڪريعن مرڪب ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪانپوءِ جيم فينسنگ دوران حملي جي وقت هڪ سئو ڪان وڌيڪ فون نمبرز مشڪوڪ قرار. حملي ڪانپوءِ انهن شڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ٹئون ديرو ۾ مهانگائي خلاف پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي پاران احتجاج

ايڪس سروس مين سوسائٽي ضلعي جي صدر رٽائرڈ صوبيدار ميجر غلام پاران اڳواڻي

غلام حيدر چنڙ، اختيار علي ميراڻي، ادريس موريو، احمد لاشاري، اوشاق لاشاري شريڪ ٿيا

مهانگائي گهٽ ڪري عام ماڻهو کي رليف ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج کي وڌايو ويندو.

نٹون ديرو(رپورٽ:شاد محمود پٹي) پوري ملڪ سميت نٹون ديرو ۾ به مهانگائي خلاف پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٹي پاران پريس آفيس نٹون ديرو اڳيان پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٹي ضلعي لاڑڪاڻو جي صدر رٹائرڈ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



نٹون ديرو: مهانگائي خلاف پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٹي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

تندوباگو لڳ ڪڍهرو موري وٽ دل ۽ خاصخيلي ذات جي ٻن درين ۾ جهيڙو

مزدوري ڪندڙ عورتن جي اڳيان موبائيل فون ۾ ڪلام وڃائڻ تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي ۾ لٽيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري ٻنهي ڌرين جا پنج ڇٽا سخت زخمي ٿي پيا

تندوباگو(رپورٽر) تندوباگو لڳ ڪڍهرو موري وٽ دل ۽ خاصخيلي ذات جي ٻن درين ۾ مزدوري ڪندڙ عورتن جي اڳيان موبائيل فون ۾ ڪلام وڃائڻ تان جهيڙو ٿي پيو جن تعلقي اسپتال تندوباگو ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

*****

تندوباگو ۾ پ ٽ الف پاران نون پرتي ٽيل استادن کي 11 مهينن کان پگهارون نه ملين

پگهارون نه ملڻ ۽ سندن آئيڊيون نه کولڻ تي استادن جي وڏي تعداد پاران مظاهرو ڪيو ويو

محمد رمضان جوٽيجو، علي اڪبر چانڊيو، عبدالعزيز بليدي، گل حسن پوٽ ۽ مقصود شيخ شريڪ

11 مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري استادن جي گهرن ۾ فاڪا ڪشي جي صورتحال آهي:مظاهرين

تندوباگو(رپورٽر:رفاقت جروار) تندوباگو ۾ پ ٽ الف پاران نون پرتي ٽيل استادن کي 11 مهينن کان وڌي پگهارون نه ملڻ ۽ سندن آئيڊيون نه کولڻ تي استادن جي وڏي تعداد پاران محمد رمضان جوٽيجو، علي اڪبر چانڊيو، عبدالعزيز بليدي، گل حسن پوٽ ۽ مقصود شيخ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن جيو ٽ سنڌ جي سپ ڪان وڏي ٻدين ٽماٽا منڊي م ٽماٽن جو اڳ ڪري پيو ٽماٽا ٽڪي ڏڙي ٽيڙ ڪان ٻوءَ آبادگارن کي وڏو نقصان تفصيل موجب ٻدين تعلقي م هرسال جيان هن سال به هزارين ايڪڙ زمين تي ٽماٽي جو فصل پوکيو ويو آهي مهانگي پاڻ پڇ ڪيڙي جي خرچ ۽ پاڻي جي ڪوٽ هوندي آبادگارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



نٹون ديرو: مهانگائي خلاف پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٹنڈي شهر سميت ضلعو بدامني جي ور چڙهيل، چورين ۽ ڦرون معمول بڻيل

ٹنڈي شهر سميت سموري ضلعي ۾ چورن ۽ ڦورون رڙ هاري ڏنو آهي:شهري اڳواڻ

درگاه شاهمراد روڊ تان هڪ شهري کان ڦورو موٽر سائيڪل سميت ڪيش رقم ٿي

ٹنڈو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) گذريل ڪاڦي عرصي کان ٹنڈي شهر سميت سموري ضلعو مڪمل طور تي بدامني جي ور چڙهيل آهي ٹنڈي شهر سميت سموري ضلعي ۾ چورن ۽ ڦورون رڙ هاري ڏنو آهي ڪواهڙو ڏينهن ناهي جڏهن ٹنڊي ۽ مڪلي شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي پاران مبينا خزانچي آفيس ۾ ڪرپشن خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڪچهري روڊ تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

سجاد پنهور، امتياز عمراڻي، محمد خان ٻهر، يونس سولنگي ۽ ٻين پاران مظاهرو ڪيو ويو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي پاران مبينا خزانچي آفيس دادو ۾ ڪرپشن خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڪچهري روڊ تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي اڳواڻن سجاد پنهور، امتياز عمراڻي، محمد خان ٻهر، يونس سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



دادو: سنڌ يونائيٽڊ پارٽي پاران مبينا خزانچي آفيس ۾ ڪرپشن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه پرسان ڪاڇو ۾ سالاري ٹئين جي منهن ڏيم علائقي واسين لاءِ بي لاءِ بڻيل

ڏيڍ ارب روپيا ڪاڇي واسين جي خوشحالي بجاءِ ڪاڇي جي فطري حسن جي تباهي جو سبب بڻيل

ڳوٺن روحل گاڏهي، ڪوهه موريو، هيئين سالاري، مٿي سالاري ڳوٺ بخشل گاڏهي، ڳوٺ عيدياڻي متاثر

اسڪولن سان گڏوگڏ ٻين سهولتن تي خرچ ڪيا وڃن ته جيئن اسان لاءِ ۽ نسل کي فائدو ملي سگهي:اڳواڻ

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه پرسان ڪاڇو ۾ ايريگيشن سنڌ ڊير جي مد ۾ آيل ڏيڍ ارب روپيا ڪاڇي واسين جي خوشحالي بجاءِ ڪاڇي جي فطري حسن جي تباهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



خيرپور ناٿن شاهه : رهواسين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٹڪرائو ۾ سنڌي ادبي سنگت جي چونڊ نوان عهديدار چونڊيا ويا

ٹڪرائو(رپورٽر) ٹڪرائو ۾ سنڌي ادبي سنگت جي چونڊ نوان عهديدار چونڊيا ويا خبر موجب سنڌي ادبي سنگت شاخ ٹڪرائو جي 2023 جي چونڊ سنڌي ادبي سنگت ضلعي سکر جي رابطا سيڪريٽري فقير پريل دايو صاحب نگراني هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ سيڪريٽري برادي منگي ٹڪرائي جوائنٽ سيڪريٽري عابد جاني ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خيرپور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ڏاڙا قرو روز جو معمول بڻيل ،نوجوان قتل

ڪولاب جيل واسي مظهر ابڙو موٽرسائيڪل قر دوران مزاحمت تي قتل ٿي ويو

فيض واهه ٽنڈومستي قومي شاهراهه دعا چوڪ وٽ روڊ بلاڪ ڪري ٽائرن ڪي باهيون

گمبٽ (رپورٽ:عبدالحي شيخ) خيرپور ضلعي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل ڏاڙا قرو روز جو معمول بڻيل شهري غيرمحفوظ ڪولاب جيل واسي نوجوان مظهر ابڙو موٽرسائيڪل قر دوران مزاحمت تي قتل وارٽن پاران قومي شاهراهه فيض واهه ٽنڈومستي دعا چوڪ وٽ روڊ بلاڪ ڪري باهيون ڏئي ڏرٽر هٽي سخت احتجاج خبر موجب خيرپور ضلعي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل ڏاڙا ڦرون روز جو معمول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ آل سنڌ مانيٽرنگ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن پاران احتجاجي مظاهرو

طويل عرصو گذرڻ باوجود اپگريڈيشن جي بنيادي حق کان محروم رکيو ويو:مظاهرين

سروس اسٽرڪچر پٽ نٹين سر تشڪيل ڏئي ڪري اپگريڈيشن ۽ پروموشن فراهم ڪيا وڃن

نا انصافي بند ڪئي وڃي ۽ اسانکي پنهنجو احتجاجي دائرو وسيع ڪرڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو آل سنڌ مانيٽرنگ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن يونٽ دادو طرفان ٻاهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهري جو سڏ ڏنو ويو آهي. سندن مطالبو آهي د مقرري کان هيستائين سٽن سالن جو طويل عرصو گذرڻ باوجود اسانکي اپگريڈيشن جي بنيادي حق کان محروم رکيو ويو آهي. ساڻن وقت سروس اسٽرڪچر پٽ نٹين سر تشڪيل ڏئي ڪري ا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



دادو: آل سنڌ مانيٽرنگ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ديڪٽي ڪمشنر جي اپيل تي سماجي تنظيمن پاران زلزلي متاثرن لاءِ 17 لک چندو فراهم

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر جي اپيل تي سماجي تنظيمن سرندي وارن ۾ ترڪي ۽ شام جي زلزلي متاثرن لاءِ 17 لک ڪان مٿي چندو ڏنو ويو تفصيل موجب سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران ترڪي ۽ شام زلزلي متاثرن جي صوبي جي عوام طرفان مدد ڪرڻ جي اعلان بعد ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان طرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽريزري آفيس ٹنڊو ماڻ ڪرپشن جو خاتمو اچي نه سگهيو، عوام معمول بڻيل

مختلف علاقن کان ڪم ڪار سانگي ايندڙ ڪيترن ئي متاثر ماڻهن پاران مظاهرو

ٽريزري آفيس ٹنڊو ۾ رشوت جي بازار گرم لڳي پئي آهي، ڪم نٿا ٹين: مظاهرين

عبدالله باجاري بليڪ ميل ڪري جائز ڪم تان بہ رشوت خوري ڪري رهيو آهي

ٹنڈو(ڊ) ٽريزري آفيس ٹنڊو ماڻ ڪرپشن جو خاتمو اچي نه سگهيو عوام ڦرڻ روز جو معمول بڻيل، ڪنهن ٻ ٽوئيس ناهي ورتو. جنهن ڪري جائز ڪم ڪار سانگي ايندڙ ڪيترن ئي متاثر ماڻهن ڏانهنڊي جيو آهي ڏ ٽريزري آفيس ٹنڊو ۾ رشوت جي بازار گرم لڳي پئي آهي، جتي جائز ڪم بہ رشوت / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪورنگي مهراڻ ٹائون واري علائقي ۾ لينڊ مافيا جي ٽولي پاران سرگرميون تيز

پلاٽن ۽ دوڪانن ۾ قبضا ڪرائڻ جو نئون انداز، ڪرائيدارن پاران خالي ڪرائڻ بابت پٽيشن

العمران ڪيونيڪشن جي مالڪ حسين دين پاران ڪي آئي اي ٽاٽي جي ٻاهران احتجاج رڪارڊ

غلام عباس، محمد سرور پنچر والا ، غلام سرور نائي جي خلاف ايڪشن ڪنيو وڃي: حسين دين

ڪراچي(رپورٽر) ڪورنگي مهراڻ ٽائون واري علاقي ۾ لينڊ مافيا جي ٽولي جو گروپ هڪ دفعو پيهر سرگرم پلاٽن ۽ دوڪانن ۾ قبضا ڪرائڻ جو نئون انداز ڪرائيدارن پاران دوڪان خالي ڪرائڻ جي ڀهاني لينڊ مافيا جي سرپرست غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28



ڪراچي: العمران ڪيونيڪشن جي مالڪ حسين دين پاران ٽاٽي جي ٻاهران احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور ضلعي جو اڳوڻو صدر پطرس خان جو شاندار استقبال ڪيو ويو

نوشهرو فيروز ضلعي جو صدر اعظم پٽو، جنرل سيڪريٽري هارون پٽو سمير ۽ ٻين پاران شرڪت

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور: حادثي بعد فوت ٿي ويل پوليس اهلڪار جي وارثن پاران سار لهڻ جي اپيل. خبر موجب شڪارپور سان تعلق رکندڙ ٽريفڪ پوليس ڪانسٽيبل مرحوم جاويد احمد شيخ جنهن پوري زندگي پنهنجي ڏيوٽي کي فرض سمجهي ايمانداري سان نڀايو. جاويد احمد شيخ 27 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي سچل ٽاٽي جي حد ملڪ سوسائٽي ٻاهران هٿياربندن جي چڙهائي

چانورن جي هول سيل جي دڪان تي هٿياربندن جي چڙهائي لکين روپيا ڦر

سچل ٽاٽي جي حد اندر ڏوهي وارداتن ۾ اضافي ٽيڻ بعد شهري پريشان بڻيل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ٽاٽي جي حد ملڪ سوسائٽي جي ٻاهريان چانورن جي هول سيل جي دڪان تي هٿياربندن جي چڙهائي لکين روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا پوليس ڏوهارين آڏو بيبس بڻيل خبرموجب ڪراچي سچل ٽاٽي جي حد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڊي جي هيلٿ جي هدايتن تي سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ صفائي مهر جو آغاز

خادم علي مگريو سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ هفته صفائي مهر جو آغاز ڪري ڇڏيو

پيراميڊڪس اڳواڻ اعجاز ممڻائي اشرف قريشي سعود ٻوهير ۽ محمد جمن شيخ موجود هئا

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ جي هدايتن تي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو نوشهرو فيروز ۾ هفته صفائي مهر جو آغاز ڪري ڇڏيو اڳواڻ سجاد پنهور، امتياز عمراڻي، محمد خان ٻهر، يونس سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13



نوشهرو فيروز سول اسپتال ۾ هفته صفائي مهر جو آغاز ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: العمران ڪيونيڪشن جي مالڪ حسين دين پاران ٽاٽي جي ٻاهران احتجاج ڪيو پيو وڃي

غوثپور ۾ شهيد عبدالرحيم شاهه جيلاني بادشاهه جي سالياني عرس جون تقريبون

گادي نشين فرمان شاهه ،حمت علي شاهه ،سرفراز احمد شاهه، لال خان بجاراڻي جي شرڪت

عبدالرحيم شاهه جيلاني عرف شهيد بادشاهه جي 97 سالہ عرس جون تقريبون ٻئي ڏينهن بہ جاري رهيون

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر ۾ شهيد عبدالرحيم شاهه جيلاني بادشاهه جي سالياني عرس جون تقريبون شروع ٿي ويون ميلي جي شروعات درگاهه جي گادي نشين فرمان شاهه ،حمت علي شاهه ،سرفراز احمد شاهه، لال خان بجاراڻي شهيد جي مزار تي حاضري پيري گلن جي چادر چاڙهي ميلي جي شروعات ڪئي علائقي جي صوفي بزرگ سيد عبدالرحيم شاهه جيلاني عرف شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ينگ نرسز ايسوسي ايشن جي صدر پاران نامزد اميدوار طرفان نوشهرو فيروز جو دورو

سنڌ لاءِ نامزد ڪيل اميدوار اعجاز ڪليري ۽ ٻين پاران نوشهرو فيروز جو دورو ڪيو ويو

سيڪريٽري سيد شاهد اقبال شاهه سنڌ جو اڳوڻو صدر پطرس خان جو شاندار استقبال ڪيو ويو

نوشهرو فيروز ضلعي جو صدر اعظم پٽو.جنرل سيڪريٽري هارون پٽو سمير ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) پريزيڊنٽ ينگ نرسز ايسوسي ايشن سنڌ جي صدر ۽ پاڪستان نرسنگ ايند مڊوائفري ڪائونسل جي لاءِ سنڌ لاءِ نامزد ڪيل اميدوار اعجاز ڪليري ۽ ٻين پاران نوشهرو فيروز جو دورو ڪيو ويو نوشهرو فيروز ضلعي جو صدر اعظم پٽو سميري ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي صدر اعجاز ڪليري جنرل سيڪريٽري سيد شاهد اقبال شاهه سنڌ جو اڳوڻو صدر پطرس خان جو شاندار استقبال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



نوشهرو فيروز: ينگ نرسز ايسوسي ايشن جي صدر پاران نامزد اميدوار طرفان دورو ڪيو ويو

شهيد مخدوم بلاول ۾ ضمني اليڪشن جو تياريون شروع، پ پ پاران آفيس جو افتتاح

سينيئر اڳواڻ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر حاڪم علي جسڪاڻي اليڪشن آفيس جو افتتاح ڪيو

ملڪ ۾ مهانگائي عمران خان جي پاليسين جو نتيجو آهي: حاڪم علي جسڪاڻي جو الزام

ڪچين آبادين جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ترقياتي ڪمن جي شروعات پيپلزپارٽي ڪئي

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) شهيد مخدوم بلاول ۾ زمني اليڪشن جو تياريون شروع ڪيون ويون آهن 242 جي اميدوار پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر حاڪم علي جسڪاڻي اليڪشن آفيس جو افتتاح ڪيو پوءِ عوام ٻٽي غذاب ۾ مبتلا ڪٽن جي گندي پاڻي ببهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٹڪرائو ۾ هڪ روزا مفت ميڊيڪل ڪئمپ 150 مريضن جو علاج ڪيو ويو

امام بارگاهه واري علاقي شاهجي ڪلينڪ تي هڪ روزا مفت ميڊيڪل لڳائي وئي

گوڏن جي ڪمزوري ۽ پيرن جي زخمن ۾ مبتلا 150 مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو

ٹڪرائو (رپورٽر) ٹڪرائو ۾ هڪ روزا مفت ميڊيڪل ڪئمپ 150 مريضن جو علاج ڪري دوائون فراهم ڪيون ويون خبر موجب ٹڪرائو جي لطيفي امام بارگاهه واري علاقي شاه جي ڪلينڪ تي هڪ روزا مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

گمبٽ لڳ يوسي ڪراب جيئل جي ڳوٺ علي حسن چانڊيو جي رهواسين جو احتجاج

الله آندل عرف دادن چانڊيو غلام محمد چانڊيو سهيل احمد چانڊيو ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

علي حسن چانڊيو مان ان مس سائرا ميمڻ کي هٽائي بهترين ٽيچر ڏئي وڃي:مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ لڳ يوسي ڪراب جيئل جي ڳوٺ علي حسن چانڊيو جي پرائمري اسڪول ۾ لڳا تار ماسترياڻي غير حاضر رهڻ تي علاقتي واسين الله آندل عرف دادن چانڊيو غلام محمد چانڊيو سهيل احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي ۽ جي مهر لاءِ ريلي

قومي ٻولي ۽ جي مهر جي سلسلي ۾ ريلي ڪيي مورو ڪلب آڏو نعري بازي ڪئي وئي

سيڪريٽري سيد مختيار علي شاهه، سيد حسن شاهه صوفائي، رضا لاڪاڻا، سڪندر ڪرائي شيريڪ

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي ۽ جي مهر جي سلسلي ۾ ريلي ڪيي مورو ڪلب آڏو نعري بازي ڪئي وئي ساس سيڪريٽري سيد مختيار علي شاهه، سيد حسن شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



نوشهرو فيروز: سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي ۽ جي مهر لاءِ ريلي ڪيي وئي

اپ گريڈيشن آف ريمينگ ڪيڊرس آئي، ٽي ملازمن جو حق آهن: اشفاق ملاح

انهن حقن کان اسان کي ڪير بہ محروم ڪري نہ ٹو سگهي، مسئلا حل ڪرايا ويندا

انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ڪنهن بہ ملازم سان ڪا بہ ناجائزي برداشت نہ ڪئي ويندي

سکر ڊويزن جي آئي، ٽي ملازمن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪندا سين

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) آئي ٽي ملازمن جو گريڊ 17، آئي، ٽي پروفيشنل الائونس، اپ گريڈيشن آف ريمينگ ڪيڊرس آئي، ٽي ملازمن جو بنيادي حق آهن ۽ انهن حقن کان اسان کي ڪير بہ محروم ڪري نہ ٹو سگهي، اشفاق ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



شڪارپور: انفارميشن ٽيڪنالاجي جي تقريب کي مقرر خطاب ڪري رهيو آهي

شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جو 4 هون يوم تاسيس روپا ماڙي تي جاري

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جو 4 هون يوم تاسيس تاريخي ماڳ روپا ماڙي تي جاري رنگا رنگ تقريبن جاري تفصيل شهيد دودو سومرو جي 710 هين عرس مبارڪ ۽ شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن سنڌ جي 4 هين يوم تاسيس جي موقعي تي تقريبون ساموندي پٽي پرسان تاريخي ماڳ روپاماڙي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بلڙي شاخ کي پڪو ڪرڻ وارو ڪم مڪمل ٽيڻ ڪانپوءَ پاڻي جي فراهمي شروع

آبادگارن ۽ هارين کي زرعي پوک ڪرڻ ۾ پاڻي جي ڪوٽ جي شڪايتن جو ازالو ٽيڻ شروع

پکي ٽيڻ واري عمل تي آبپاشي ڪاتي جي ايڪسن غلام عباس پنهور ۽ ٻين پاران ميڊيا کي بريفنگ

پاڻي جي شديد ڪوٽ جي ڪري لکين ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ حوالي ٿي رهي آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ٹنڈو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌ حڪومت طرفان بلڙي شاخ کي پڪو ڪرڻ وارو ڪم مڪمل ٽيڻ ڪانپوءَ پاڻي جي فراهمي شروع ٿي ويئي . آبادگارن هارين ۾ سرهائي ٽيڻ سان گڏ هزارين آبادگارن ۽ هارين کي زرعي پوک ڪرڻ ۾ پاڻي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

موٽر وي پوليس جي آءِ جي پاران جاري ڪيل نو مور مهر جي سلسلي ۾ ريلي

ايديشنل آءِ جي سلطان خواجا ۽ ڊي آءِ جي جاويد علي مهر پاران مهم هلندڙ آهي

نيشنل هاءِ وي ۽ موٽر وي تي موڪلن دوران اڪثر گاڏين جي رش هوندي آهي:عملدار

بريفنگ ڏيڻ کان علاوه ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز(رپورٽر) موٽر وي پوليس جي آءِ جي خالد محمود پاران جاري ڪيل نو مور مهر جي سلسلي ۾ روڊ جي مسافرن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي سفر کي آسان ۽ محفوظ بنائڻ لاءِ ايديشنل آءِ جي سلطان خواجا ۽ ڊي آءِ جي جاويد علي مهر جي هدايت تي ڏکڻ زون جي سپرنٽنڈنٽ سيڪٽرن حيدرآباد، سکر، سڪرنڊ، لاڙڪاڻو، سيوهڻ ۽ ڪراچي ۾ آفيسر موڪلن دوران خاص ڪري چنجر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17



نوشهرو فيروز: موٽر وي پوليس پاران نو مور مهر جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي

درگاهه بودلہ حاجنا شاهه بخاري جو عرس (تل) مبارڪ شروع، حويلي تان ميهندي برآمد

رائيپور (رپورٽر) رائيپور ۾ سخي بودلہ شهنشاهه جي عرس جون تقريبون نهايت احترام ۽ عقيدت سان پڄاڻي ڏهڙون شهر جو بودلا پاڙي جو گليون دمادم مست قلندر جي صدائن سان گونجڻ لڳيون . رپورٽ موجب هرسال جيان هن سال بہ درگاهه حضرت سد حاجنا شا سخ بودلا شهنشا نقر الٻخار راڄ پور جو عرس مبارڪ جون آخري رسمون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

عادلپور ويجهو ڪوٽ وڏڙ مهر ۾ محبتن جا ميلا، ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو شاندار افتتاح

ايڪسائيز انسپيڪٽر رفيق احمد خان مهر اڳوٽو وائيس چيئرمين عبدالرشيد مهر شريڪ ٿيا

ٽورنامينٽ جي پهريون مئچ شاهين الين حمزو مهر ۽ آصف خان الين جي ٽيمن وچ ۾ کيڏي وئي

آصف الين کي شڪست جو منهن ڏسٽون پيو آصف الين مقرر 8 اوور ۾ فقط 75 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو

عادلپور (رپورٽ:اسلم مهر) عادلپور ويجهو ڪوٽ وڏڙ مهر ۾ محبتن جا ميلا ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو شاندار افتتاحي پروگرام ٽي گڏيو جنهن ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر رفيق احمد خان مهر اڳوٽو وائيس چيئرمين عبدالرشيد مهر فوجي منظور احمد مهر امان الله مهر حاجي نور محمد مهر صحافي اسلم مهر آغا شاهد خان مهر ذاڪر حسين مهر مختيار مهر جن شرڪت ڪئي ٽورنامينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 20 فيبروري 2023ع

ڪراچي ۾ دهشتگردي: سزا ذميوارن کي ملڻ گهرجي

پاڪستان مان دهشتگردي جوجن ڪيترين ئي قربانين بعد روانو ڪيو ويو هو پر اهوجن هڪ ڀيرو وري ٻاهر اچي ويو آهي. ان وري بيگناهه ماڻهن کي مارڻ شروع ڪيو آهي. پهرين بلوچستان، پوءِ پشاور ۽ هاڻ وري ڪراچي ۾ تمام وڏو دهشتگردي جو واقعو ٿيو آهي. ان ۾ بيگناهن جوخون شامل ٿي ويو آهي. ڪراچي ۾ ٿيل واقعي جا تفصيل هن ريت آهن ته سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي جي شهه رڳ شاهراهه فيصل تي واقع ڪراچي پوليس چيف جي آفيس تي دهشتگردن حملو ڪيو. جمعي جي شام جو 7 لڳي 10 منٽن تي هڪ ڪرولا ڪار ذريعي شلوار قميص پاتل 3 دهشتگرد سي پي او آفيس جي ٻاهران پهتا، جن آفيس ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مک گيٽ وٽ پهرين دستي بم ڌماڪو ڪيو، ڪي پي او ۾ 22 دستي بمن جا ڌماڪا ڪري اندر داخل ٿي ڇت تائين پهچي ويا. پوليس اختيارين موجب پوليس گيٽ کان وٺي عمارت جي هر منزل تي دهشتگردن سان مهاڏو اٽڪايو، چوٿين ماڙ تي دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن دوران هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته 2 دهشتگردن ڇت تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن مان هڪ دهشتگرد کي ڪمانڊو سنائپر نشانو وٺي ماري ڇڏيو، جڏهن ته هڪ دهشتگرد جيڪيٽ ۾ پوليس جي گولي لڳڻ بعد پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو. ساڍن ٽن ڪلاڪن تائين هليل مقابلي دوران پوليس، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن مڙسي سان مقابلو ڪري حملو ڪندڙ سمورن دهشتگردن جو خاتمو آندو. آپريشن دوران پوليس جمعدار غلام عباس لغاري، رينجرز صوبيدار تيمور، خاڪروب اجمل مسيح ۽ لفٽ آپريٽر سعيد شهيد ٿي ويا، جڏهن ته 6 رينجرز، 5 پوليس اهلڪارن سميت 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ايس ايس يو جو ڊي ايس پي به شامل هو. دهشتگردن جي انگ تي پوليس آفيسرن جي بيانن ۾ تضاد رهيو هڪ آفيسر انگ 5 به ٻڌائي 3 ٻڌايو.

ان واقعي کي 24 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي. مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي آهي پر وڌيڪ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي آهي. دهشتگرد تنظيم ٽي ٽي پي ته ذميواري قبول ڪئي آهي پر پوليس جي ڪنهن به آفيسر کي ڪوتاهي جو ذميوار قرار نه ڏنو ويو آهي جنهن ڪري پوليس خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي آهي. جڏهن ته اسان سڀني کي خبر آهي ته هي دهشتگردي ڪندڙ ڪير آهن؟ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خبر هجڻ گهرجي ته انهن جا سهولتڪار ڪٿي ڪٿي آهن، پر انهن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي. اسان جو خيال آهي ته ان ۾ اهي سڀ سهولتڪار ۽ مددگار آهن جن دهشتگردن جي سگهيا ڪئي، ڪين سگهيا ڪيمپون فراهم ڪيون ۽ انهن کي هتي آندو، شناختي ڪارڊ ٺاهي ڏنا. انهن سڀني خلاف ڪارروائي ڪرڻ گهرجي. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو بيان به آهي ته افغان طالبان دهشتگردي کي سنجيدگي سان نه پيا وٺن. اسان کي ان ڳالهه تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ته اسان کي دهشتگردن جو خاتمو آڻڻو آهي. پنهنجي عوام کي بچائڻو آهي، پنهنجي اثاثن جي حفاظت ڪرڻي آهي. جيڪڏهن ائين ڪرڻو آهي ته سڀ کان پهرين پنهنجي ملڪ جي مفاد کي ڏسڻو پوندو. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نه رڳو دهشتگرد ۽ سندن سهولتڪار ختم ڪيا وڃن پر انهن سمورن غير ملڪين کي سندن ملڪن ڏانهن اماڻيو وڃي جيڪي غيرقانوني يا قانوني طور تي اسان جي ملڪ ۾ رهي به سان جي قانون جو احترام نه ڪري رهيا آهن. اسان جي حڪومت کي اپيل آهي ته سيڪيورٽي ادارن کي به سازش ڪندڙن ۽ انهن جي مددگارن کان پاڪ ڪيو وڃي.

دهشتگردي ۽ اسان جي غفلت

علي حسن

جنوري جي 30 هين تاريخ ٿي ته پشاور ۾ آپگهاتي حملو ٿيو هو حملو ڪندڙ هڪ شخص هو جنهن هڪ سئو هڪ ماڻهن کي ماري ڇڏيو. حملو ڪندڙ کي پوليس جي وردي پهريل هئي جيڪو مسجد ۾ ڪنهن رنڊڪ ۽ پڇا ڳاڇا ڪانسواءِ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو ۽ نماز جي پهرين صف ۾ پهچي ويو هو جمعي ڏينهن پشاور جي حملي جي 20 ڏينهن ڪانپوءِ ڪراچي ۾ به دهشتگرديءَ جو واقعو پيش آيو. دهشتگردن ڪراچي پوليس جي سربراهه جاويد اوڍو جي آفيس تي حملو ڪيو. حملي بابت جاچ ۾ اها ڳالهه اڳيان آئي آهي ته دهشتگرد گڏيل طور تي پوئين پٽ چڙهي اندر داخل ٿيا هئا. ذريعن موجب پوليس لائن صدر ڪوارٽرز ۾ داخلا جو ڪوبه سيڪيورٽي گيٽ نه آهي ۽ هتي پوليس اهلڪارن جا گهرياتي رهائش پذير آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته حملي جي وقت ٽنهي چوڪين تي ڪوبه نه هو ۽ پوئين پٽ جي خاردار تار ٽٽل به ڏٺي وئي آهي. ذريعن موجب ڪي پي او جي مک شاهراهه تي سي سي ٽي وي ڪيمرا نه آهي. آفيس مصروف علائقي ۾ آهي. دهشتگردن جو انگ 3 هو پر اخباري اطلاع موجب جاچ اختيارين کي دهشتگردن جي قبضي مان 2 ايس ايم جيز مليون آهن. جن مان هڪ ايس ايم جي تان نمبر ڊٺل آهي. ملندڙ ڪلاشنڪوف جي بٽ تي ڳاڙهو رنگ لڳل آهي. حملي ڪندڙن 4 دستي بم استعمال ڪيا جيڪي مس ٿي ويا. ملندڙ چئني دستي بمن جون پنون نڪتل هيون. بي ڊي ايس اختيارين جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگردن جي جسم تي 2 آپگهاتي جيڪٽس، 8 دستي بم ۽ 3 گرنيڊ لانچر ناڪارا حالت ۾ مليا. دهشتگردن وٽان هٿ ڪيل آپگهاتي جيڪٽس 8 کان 10 ڪلو وزني هئي. دهشتگردن وٽان 10 جي ويجهو اسٽن گرينڊ به مليا، جن مان 2 استعمال ٿيل هئا.

اسپتال انتظاميا موجب حملي ۾ 4 ماڻهو شهيد ۽ 17 زخمي ٿيا، جڏهن ته ٽئي دهشتگرد ماريا ويا. هڪ دهشتگرد عمارت جي چوٿين منزل تي جڏهن ته 2 ڇت تي ماريا ويا. جاچ اختيارين موجب دهشتگردن جي سڃاڻپ زالا نور، ڪفايت الله ۽ مجيد جي نالن سان ٿي آهي، مارجي ويل دهشتگرد مجيد ۽ زالا نور اتر وزيرستان جا رهواسي هئا جڏهن ته مارجي ويل دهشتگرد ڪفايت الله لڪي مروت جو رهواسي هو.

پوليس جو چوڻ آهي ته حملي آور ٻن گاڏين ۾ ڪراچي پوليس آفيس پهتا هئا. ٻنهي گاڏين کي بم ڊسپوزل اسڪواڊ جي عملي چيڪ ڪيو. هڪ گاڏي عمارت جي پوين، ٻي اڳيان بيٺل ملي، صدر پوليس لائن جي احاطي ۾ بيٺل ڪار جا چارئي دروازا کليل مليا هئا. پوليس اختيارين جو چوڻ هو ته حملو ڪندڙن ڇت تي پهچي پوزيشن سنڀالي ورتي هئي. جيترا هٿيار هنن آندا هئا، ان سان گڏ اهي عمارت جي چوٿين منزل تائين ڪيئن پهچي ويا هئا. مقابلو ٿيو. پوليس ملازم ماريا ويا جڏهن ته وڏي انگ ۾ زخمي ٿيا. هڪ چينل شروعاتي خبر ۾ ٻڌايو هو ته دهشتگرد پوليس جي وردي ۾ هئا. پوليس جي وردي ۾ به ماڻهن جي چيڪنگ ڪرڻ ضروري ٿيندي پئي وڃي.

سوال اهو آهي ته ايترا هٿيار آڻيندڙ ماڻهو آفيس جي عمارت ۾ ڪنهن رنڊڪ ڪانسواءِ ڪيئن داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا؟ اهو هڪ اهڙو چئلينج آهي جنهن جو جواب حڪومت کي ڏيڻ گهرجي. هي نعرا لڳائڻ يا خوشي ملهائڻ جو وقت نه آهي، بلڪ پشيمان ٿيڻ جو وقت آهي. پوليس کان پشاور ۾ به غفلت ٿي ۽ ڪراچي ۾ به ايئن ئي ٿيو. غفلت سبب اهڙا واقعا پيش ايندا آهن. اهو ئي اسان سان ٿي رهيو آهي. عام رويو آهي ته واقعو گذري وڃڻ کانپوءِ سڀئي لاپرواهه ٿي ويندا آهن. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته پوليس پنهنجا فرض انجام ڏيڻ ۾ سستي جو شڪار ٿي ويندي آهي. ان جي ڪري دهشتگرد پنهنجي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. دهشتگردن جي ڪاميابي هنن جي همت افزائي جو سبب بڻجندي آهي. هنن کي اهو احساس پيدا ٿيندو آهي ته جن ماڻهن سان هنن جو مقابلو آهي اهي ته اڪثر غافل ٿي رهندا آهن. حالتن کي ڏسي ايئن ڪرڻ گهرجي جو پوليس آفيسر ۽ هنن جي ماتحت ملازمن جي غفلت کي منهن ڏيڻ جي لاءِ باقاعده تربيتي ڪورس شروع ڪيا وڃن. اهو سمجهڻ ته هنن کي سڀ ڪجهه ايندو آهي، هرگزايئن نه آهي. هر ڀيري اهي غفلت جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ دهشتگرد ڪامياب ٿي ويندا آهن. جيئن ته پنهنجون جان وڃائي ڇڏيندا آهن. وزيرستان سان تعلق رکندڙ ماڻهو ڪراچي پهچي ڪارروائي ڪري وڃن، ان کي ڪنهن جي ڪاميابي قرار ڏيڻ گهرجي؟ ايئن اڪثر نه ٿيندو آهي ته آفيسر آفيس ۾ جڏهن ايندا آهن يا ويندا آهن ته پوري عمارت جو جائزو وٺندا هجن. آفيسر ته صرف پنهنجي آفيس ايندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته بس سڀ ٺيڪ آهي.

ڪراچي پوليس جي هيڊ آفيس تي حملي جي ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ غلام نبي ميمڻ سينٽرل پوليس آفيس جي واچ ٽاور تي پاڻ وڃي مورچا ۽ پوئين ايمرجنسي گيٽ جي سيڪيورٽي چيڪ ڪئي هئي. آءِ آءِ چندريگر روڊ تي واقعو سنڌ پوليس جي هيڊ ڪوارٽر جي مسجد ۾ جمعي جي نماز جي ادائيگي ڪانپوءِ غلام نبي ميمڻ اڪيلي ئي سي پي او جي عمارت جي پوئين حصي طرف پهچي ويو هو. هن ريلوي لائن جا ايمرجنسي داخلي دروازي جو جائزو ورتو، اتي موجود سيڪيورٽي اهلڪارن کي هدايتون جاري ڪيون. جنهن ڪانپوءِ اهو سي پي او جي عمارت جي پوئين حصو جو معائنو ڪندي عمارت جي واچ ٽاور تائين پهچي ويو هو. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته حساس ادارن طرفان جمعي تي پوليس آفيسن لاءِ سخت سيڪيورٽي خدشا ظاهر ڪيا ويا هئا، پر حملو ڪندڙن سنڌ پوليس هيڊ ڪوارٽر بدران شام جو ڪراچي پوليس هيڊ آفيس تي حملو ڪيو. ان حملي جي ذميواري پابندي پيل دهشتگرد تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان قبول ڪئي آهي. پشاور حملي جي ذميواري به ٽي ٽي پي قبول ڪئي هئي پر فوري ئي هنن پنهنجو پاڻ کي ذميواريءَ تان اهو چئي آجو ڪيو هو ته مسجدن ۽ عبادتگاهن تي حملو هنن جي پاليسي جو حصو نه آهي. پوليس هيڊ آفيس تي حملي سان پوليس آفيسرن جا حواس خطا ٿي ويا هوندا. ڪراچي ۾ الرٽ هو يا نه، اها اختيارين کي خبر پرچا ضروري آهي ته دهشتگرد حملي جو هنڌ ۽ وقت ٻڌائي پنهنجي ڪارروائي ڪندا. چا پوليس ۽ سيڪيورٽي ڊيوٽي ڏيندڙن جي ذميواري نه آهي ته هر وقت الرٽ رهن ۽ اکيون کليل رکن. دهشتگرد ته پنهنجي جان ترڻ تي رکي ايندا آهن. اهي ان يقين سان ايندا آهن ته هنن جي جان ويندي پر هنن جو هدف پنهنجي "دشمن" کي وڌ کان وڌ جاني نقصان پهچائڻ هوندو آهي. جنهن ۾ اهي اڪثر اسان جي سيڪيورٽي جي غفلت جي ڪري اسان جو گهڻو جاني نقصان ٿيندو آهي ۽ ان کان علاوه پوليس عملو ۽ عوام جو اعتماد متاثر ٿيندو آهي. اقتصادي طور تي ڪمزور حالتن جو شڪار ملڪ چو دهشتگردي جي اهڙي قسم جي واقعن کي منهن ڏئي رهيو آهي.

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجهه فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙه اندر ڪاڻِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

سنڌ مارچ هڪ نئون اتساهه

عابد سڪندر ڪوکر

شهيدن جي شهر نئون ديرو ۾ جڏهن لهندڙ سج قائد عوام ذوالفقار ڀٽو ۽ سنڌ جي راڻي بينظير ڀٽو جي مزار مٿان ڪيرجيان جرڪندڙ اڃن قبن کي رات جي ڪاري چادر اوڙهي الوداع ڪيو ۽ سياسي پوسٽ واري فضا اندر خوف ۽ ورتل، مهانگائي ۽ مرجهايل چهرن سان هاري ۽ مزدور پنهنجي گهرن ڏانهن واپس پئي وريا ته اوچتو سيد زين شاهه جي قيادت ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان 15 فيبروريءَ کان سکرمان نڪتل "سنڌ مارچ" قافلو ڳاڙهن جهنڊن ۽ اپ ڏاريندڙ نعرن سان لهندڙ سج جي للڪار بڻجي ملڪي سياست ۾ سياسي قبلي طور جاتو ويندڙ شهر نئون ديرو ۾ پڙاءُ ڪيو

نئين رنگ سان، نئين ريت سان
نئين ڍنگ سان، نئين جيت سان

ايڏي وڏي ماڻهن جي قافلي کي ڏسي شهر جا سادا ماڻهون پڇڻ لڳا ته هي ڪير آهن ۽ جڏهن سندن خبر پئي ته توهان جي دردن جو درمان بڻجي هي ڪشالا ڪٽي رهيا آهن ته مايوسي جي ماريل عوام هڪ نئين جوت ڏسي پنهنجي اجڙيل خوابن جي جيت محسوس ڪئي. ايتري ۾ هڪ ڳڀرو نوجوان ماڻهن جي هجوم مان وڏندي اڳڙين مان نيرهارينڌي اچي سيد زين شاهه جي ڪنڌ ۾ ٻاڪر وجهي آجيان ڪئي. اهو جذباتي منظر ائين لڳو جڻ سنڌ جي صدين جي سوز کي ساز ڏنو ۽ سيد زين شاهه جي سماعتن کي سرور مليو "اسان سنائي سيد جي ڳهراڻي جا مشڪور آهيون. اسان جا ايندڙ نسل به توهان جا ٿورا نه لاهي سگهندا". يقينن نوجوان جا اهي لفظ بڌي سنڌ جي عشق ۾ پنهنجا پير پٿون ڪندڙ پانڌيئڙن جا سور هڪ لحظي منجهه لهي ويا ۽ چهرن تي مرڪون، نوان جذبا، ولولا، اپ ڏاريندڙ نعرا ..

"پنهنجي ڌرتي پنهنجو اختيار،
سنڌ ڪبي ٿي خودمختيار".

ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته سياسي ماڻارو "سنڌ مارچ" هڪ نئون تحرڪ پيدا ڪيو آهي. سنڌ پيادل مارچ جو بنيادي مقصد ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي بنيادي حقن کان آگاهه ڪرڻ، ويڳو سياست جي اٽڙ پيرين پنڌ هلي سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن ۾ وڃي عوام سان سنڌي ريت ملڻ، هڪ اميد ڏجي . بي حسي ۽ بي وسي واري ماحول ۾ انهن جي اپل ۽ آسرو ٿجي. ماڻهن کي همٿائجي ته سنڌ جي سياسي، سماجي، معاشي بدحالي، خلاف آواز اٿاريو، سنڌ ۾ غاصبن جي غلبي مان نڪري صحتمند، آدرش وادي ۽ بااصول سياست کي پروان چاڙهيون رهبرن جي روپ ۾ رهزنن کي سڃاڻيو جن اقتدار جي لوڀ ۾ سنڌ جا وڏا شهر ڌارين حوالي ڪيا، سنڌ جي ساموندي ٻيٽن جا سودا ڪيا، زمينون، ٻيلا ۽ وسيلا تيين وال ڪيا. ڪرپشن جي بازار گرم ڪري نوڪريون وڪڻي ميرٽ جو قتلام ڪيو ڌارين کي ڊوميسائيل ناهي ڌرتي جي حقيقي وارثن کي ديوار سان لڳائڻ جا سهولتڪار بڻيا آهن.

ابن الوقت ۽ مرڦعپرست اڳواڻن جي مفاد پرستي واري سياست جو باب بند ڪري هڪ بااصول، باڪردار ۽ ايماندار قيادت جي افاديت کي اجاگر ڪجي. سنڌ دوست، انسان دوست اخلاقي قدرن جي بحالي لاءِ عوام سان روبرو حال اورڻ وارو فيصلو ڪيتري قدر ڪامياب وڃي ٿو ۽ وڏيرڪي سياست جي پنجوڙ ۾ قاتل عوام، انتقامي ڪارروائين جو سٽيل شعور مزاحمت جي ميدان ۾ ڪيترو عملي طور اڳڀرو ٿئي ٿو اهو سڀ ته ايندڙ وقت ۾ ثابت ٿيندو پر هن وقت "سنڌ مارچ" ابتدائي مرحلي ۾ سموري سنڌ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي جنهن جو ثبوت سوشل ميڊيا جي مختلف فورمن تي عوام جي اظهار مان پڌرو آهي.

سموري سنڌ جيان نئون ديرو به ساڳي پيڙاءُ ۾ پڇري پيو پر ان جي باوجود شهر جي مختلف سياسي سماجي ڌرين، نوجوانن، عام ماڻهن طرفان سنڌ مارچ قافلي مٿان گلن جي ورڪا، قيادت کي اجرڪن جا تحفا، جيئي سنڌ جي نعرن سان هم آواز ٿيڻ هڪ نئين لاٽ جو پيغام آهي جيڪا اونداهيءَ رات کي ختم ڪري سج جي روشنائي ضرور آڻيندي. "سنڌ مارچ" صبح جي روشني ساڻ ڪري اڄ شهيدن جي شهر لاڙڪاڻو مان پنهنجي سفر ڏانهن روان دوان ٿي سنڌ جي عوام کي هڪ اميد ڏئي پيو

او اٿل آدمي ڪن جڳن کان وٺي!
اَنڌ سان ڏنڌ سان پنڌ سان منهن ڏئي،
آءِ سمجهان پيو
تون ڀيو آن ٿڪي،
دل شڪستو ٿئي!
ڪا گهڙي دم پٽي، سگهه ساري سڌي،
بير پختا ڪري، ڏند ڪرٽي، تڏي،
اُٿ مٽي اُٿ مٽي!
پونه، تي پُر رکي،
دل شڪستو نه ٿي!!
استاد بخاري

بقايا 01 ***

ته هن ملڪ کي ايماندار ججن جي ضرورت آهي عمران دار ججن جي نه. ياسمين راشد ليڪ ٿيل آڊيو ۾ چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ اسان جا ماڻهو ويٺا آهن. نون ليگ جي سينيئر نائب صدر چيو ته سچي عدليا خراب ناهي پر ان جي ڪجهه فيض جا چيلا موجود آهن جيڪي اڃا تائين ڪم ڪري رهيا آهن. هن جو چوڻ هو ته مسلم ليگ نون اليڪشن کان نٿي ڀڄي. اليڪشن ڪٽڻ لاءِ ميدان ۾ لهي چڪي آهي. مريم نواز هو به چيو ته مهانگائي ۽ عمران خان هڪ ئي شيءِ جا به نالا آهن. جڏهن ڪان عمران خان آيو آهي مهانگائي ختم ٿيڻ جو نالو به نٿي وٺي، هن چيو ته ملڪ مان مهانگائي ۽ عمران خان کي گڏ ڪڍي ٻاهر اڇلائينداسين. مريم نواز جو وڌيڪ چوڻ هو ته جيڪي بارودي سرنگهون آءِ ايم ايف معاهدي جي صورت ۾ عمران خان وڇائي ويو آهي، شهباز شريف اهي بارودي سرنگهون ڏينهن رات هڪ ڪري گولي رهيو آهي.

بقايا 02 ***

دم ڏٽي حوالي ڪيو. حملي ۾ شهيدن جو انگ پنج ٿي ويو آهي. پوليس موجب اهلڪار عبداللطيف سيڪيورٽي ڊيوٽي ۾ مقرر هو

بقايا 03 ***

سان مشاورت جي عمل ۾ داخل ٿئو ٿي سگهي، جڏهن ته اداري طرفان ان حوالي سان سومر تي ٿيندڙ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويندو خط ۾ چاڻايو ويو آهي ته صدر جي آفيس سڀ کان اعليٰ آئيني ادارو آهي، صدر رياست جو سربراهه آهي، اليڪشن ڪميشن صدر جو احترام ڪري ٿي خط جي متن موجب سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني ۽ قانوني ذميواري کان آگاهه آهي، پنجاب ۽ ڪي پي جي گورنرن اڃا تائين عام چونڊن جي تاريخ ناهي ڏني، پنجاب جي گورنر چيو ته هو ان معاملي تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي بابت قانوني رستو اختيار ڪندا خط ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن لاهور هاءِ ڪورٽ کان رهنمائي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي، پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ ٻن ٽي درخواستون داخل آهن. جڏهن ته آئين اسيمبلي ٽٽڻ تي اليڪشن ڪميشن کي پولنگ جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ جو اختيار نٿو ڏئي.

بقايا 04 ***

جي آفيس تي حملو لرزائيندڙ هو، حملي جي جاچ کي منتقي انجام تي پهچايو ويندو. واقعي جي جاچ لاءِ هاءِ پاورڊ ڪميٽي جوڙي ورتي آهي. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جو چوڻ هو ته پوليس لائنز ۽ انهن ۾ موجود مسجدن جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، انڪانسواءِ اهم سرڪاري آفيسن، عمارتن، ٽريننگ سينٽرن، اسٽيبلشمينٽ ۽ ٻين جي سيڪيورٽي تي خاص ڌيان ڏنو وڃي جڏهن ته سيڪيورٽي جي گڏيل قدمن کي ريڊ الرٽ ڪيو وڃي. غلام نبي ميمڻ چيو ته شهيدن جي وارثن جو خيال رکيو وڃي ۽ زخمين کي مڪمل طبي سهولتون ڏنيون وڃن.

بقايا 05 ***

صدر عارف علوي چيو آهي ته آئين ۾ خاميون ڳولڻ بدران ان جي پاسداري ڪئي وڃي. اليڪشن ۾ دير جا بهانا نه ڳوليا وڃن. هن چيو ته چونڊن جي تاريخ ۾ دير جا بهانا ڳولڻ لاءِ آئين سان هٿ چراند ڪئي پئي وڃي. جنهن ڪري مون کي خط لکڻو پيو. آئين ٿو لڳي جڻ اليڪشن جي تاريخ ڏيڻ تي هنن تي ڏنڊ مقرر ڪيو ويندو صدر چيو ته ملڪ هن وقت اتحادي حڪومت ته پرٽيڪنو ڪريٽ سيٽ اپ آهي. ائين محسوس پيو ٿئي ته هن سيٽ اپ کي ڪو سهارو ملي رهيو آهي، هڪ سوال جي جواب ۾

عارف علوي چيو ته جنرل رٽائرڊ باجوا کي ملازمت جي مدي ۾ واڌ ڏيڻ واري معاملي بابت عمران خان ئي ٻڌائي سگهي ٿو. عمران خان جي خط تي آرمي چيف سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي. عمران خان آصف زرداري مٿان الزامن بابت مون سان ذڪر نه ڪيو هو صدر وڌيڪ چيو ته عمران خان جي گرفتاري سان ملڪ جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي وينديون. چونڊن ۾ دير جي معاملي تي گورنرن خلاف ڪو به ايڪشن نه ٿو وٺي سگهان. واضح رهي ته صدر عارف علوي چونڊن بابت مشاورت لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي ٻيو خط لکيو هو. جڏهن ته پهرين خط جو جواب نه ڏيڻ تي اليڪشن ڪميشن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هو.

بقايا 06 ***

صدر مملڪت جو پٽ فورسز خلاف سوشل ميڊيا مهم ۾ ملوث آهي. هن چيو ته اهڙن ماڻهن کي شرم اچڻ گهرجي.

بقايا 07 ***

چاهي ٿو. هن چيو ته اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ڪنهن به قسم جي بدلي ۽ انتقام جي سياست ۾ يقين نٿو رکي. آصف علي زرداري ته انهن ماڻهن کي به معاف ڪري ڇڏيو جن هن ۽ هن جي خاندان کي بدترين سياسي انتقام جو نشانو بڻايو. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سڀ کان وڌيڪ انتهاپسندي جو نشانو بڻجندي رهي آهي. اڳوڻو صدر آصف علي زرداري انتهاپسندن کي عمران خان خلاف استعمال ڪرڻ جو سوچي به نٿو سگهي. صوبائي وزير چيو ته شيخ رشيد وٽ جيڪڏهن ثبوت آهن ته عدالت ۾ پيش ڪري. ٽي وي تي اچي پڙڪيون هڻڻ شيخ رشيد جي عادت بڻجي چڪي آهي. هن چيو ته شيخ رشيد هر 15 ڏينهن ڪانپوءِ ڪو نه ڪو ٺڳي پار جون نيون تاريخون ڏيندو رهندو آهي. شيخ رشيد چار راتيون لاڪ اپ ۾ ته گذاري نه سگهيو، معافي تلافي وٺي ٻاهر آيو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شيخ رشيد کي عمران خان پنهنجو نوڪر رکڻ جي قابل به نه سمجهندو هو پر شيخ رشيد عمران خان کي بي وقوف بڻائي پوئين ڇٽن سالن تائين اهم وزارتن جا مزا ماڻيندو رهيو . هن چيو ته شيخ رشيد پڙڪيون هڻي ايندڙ چونڊن کان اڳ نئون شڪار ڳولهي رهيو آهي.

بقايا 08 ***

سي پي پي اي) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) کي فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي جي اڳهن ۾ واڌ جي تجويز ڏني آهي، سي پي پي اي جنوري جي فيول ايڊجسٽمينٽ جي درخواست نيپرا ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي، سي پي پي اي طرفان في يونٽ بجلي هڪ رپيو سترنهن پئسا مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. نيپرا موجب سي پي پي اي جي درخواست تي 28 هين فيبروري تي ٻڌڻي ڪئي ويندي. نيپرا جو چوڻ آهي ته سي پي پي اي جي درخواست تي بجلي مهانگي ڪرڻ وارو فيصلو ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي لاڳو نه هوندو

بقايا 09 ***

۾ مهانگائي جو عذاب آهي. هن جو چوڻ آهي ته هر دور ۾ اسان کي اهي ئي منديون نظر اينديون آهن. هيلين طبقي کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو پيو وڃي. حافظ نعيم الرحمان وڌيڪ چيو ته شاگردن لاءِ به شهر ۾ ٽرانسپورٽ جو ڪو به نظام ناهي. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير جو اهو به چوڻ هو ته ميز جي پٺيءَ پاسن کان آءِ ايم ايف جا ماڻهو ويهي ملڪ جا فيصلا ڪري رهيا آهن.

بقايا 10 ***

جي گرفتارين جو شيڊول جاري ڪيو آهي. تحريڪ جي شروعات اربع تي لاهور کان ٿيندي، پشاور ۾ ڪارڪن خميس تي گرفتاريون ڏيندا، راولپنڊي جا ڪارڪن جمعي تي ۽ ملتان جا ورڪر ڇنڇر جڏهن ته گوجرانوالا جا ڪارڪن آچر تي گرفتاريون ڏيندا. سرگوڌا ۽ سومر ۽ ساهيوال ۾ اڱاري جي ڏينهن گرفتاريون ڏنيون وينديون. صحافين سان ملاقات دوران عمران خان چيو ته نوازليگ عدليا ۽ ججن خلاف ڪريل پروپيگنڊا مهم ان ڪري هلائي رهي آهي ته جيئن ججن کي آئين جي بالادستي جي ڪردار کان روڪي سگهجي. عدليا تي حملو هنن جي عادت رهي آهي. عمران خان چيو ته جنرل باجوه تسليم ڪيو ته هن رڪارڊنگز ڪيون، جيڪو غيرقانوني قدم هو. اداري کي جنرل (ر) باجوه جي ان قدم جي پنهنجي طور جاچ ڪرائڻ گهرجيپي ٽي آءِ چيئرمين جو چوڻ هو ته نواز ليگ عدليا تي يلغار جي تاريخ رکي ٿي، هي ججن کي خريد ۽ ڪري جهڙي عمل ۾ ملوث رهيا آهن. عدليا کي آئين جي بالادستي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. عدليا قوم جي واحد اميد آهي. ججن کي دٻاءُ ۾ اچڻ بدران دستور ۽ قانون جي بالادستي بڻائڻ گهرجيا ڳوٺي وزيراعظم چيو ته اسانجي اتحادين کي انتقام جو نشانو بڻائي ڏيجارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جنرل ر باجوه پنهنجي حلف جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ تسليم ڪيو ته نيب سندس ڪنٽرول هيٺ هو. هن چيو ته ڊاڪٽرن مونکي گهمڻ ڦرڻ کان روڪيو آهي پوءِ به مونکي عدالتن ۾ گهرايو پيو وڃي، اسانجي ماڻهن تي ڪيس ۽ بنا جواز گرفتاريون ڪيون پيون وڃن. امپورٽڊ حڪومت جي قسطائيت ۽ دستور سان بغاوت جي ڪوشش کي ڪنهن به ريت قبول نه ڪنداسين. آئين ۾ رهندي مزاحمت لاءِ جيل ڀريو تحريڪ جهڙو جمهوري طريقو اختيار ڪيو آهيپي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر پاران دستور جي پائمالي ۾ پي ڊي ايم جو اهم ڪردار آهي، حڪومت اسانجي اتحادين کي نشانو بڻائي ان کي ديجارڻ ۽ سياسي آمريت کي هوا ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. لاقانونيت، جمهوري قدرن جي پائمالي ۽ معاشي تباهي جي هن شرمناڪ سلسلي کي قوم جي حمايت يا تائيد سان روڪينداسين عمران خان چيو ته صدر عارف علوي فنانس بل جي آرڊيننس تي صحيح نه ڪري سٺو قدم کنيو. پارليامينٽ ۾ ٺڳون فنانس بل منظور ٿيڻ سان ملڪ ۾ مهانگائي جو نئون طوفان ايندو. تحريڪ انصاف جي دور ۾ معاشي اشارا مثبت هئا. امپورٽڊ حڪومت جو ڪارنامو اهو آهي ته هن ڪرپشن جا پنهنجا ڪيس معاف ڪرايا. اسان چونڊن ذريعي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجون 2 صوبائي حڪومتون قربان ڪيون. هنن جي پوري ڪوشش اها آهي ته هي ان وقت اليڪشن ڪرائن، جڏهن سمجهن ته تحريڪ انصاف ختم ٿي چڪي آهي. جڏهن ته آئين واضح چوي ٿو ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻيون آهن ان کان اڳ لاهور جي زمان پارڪ ۾ عمران خان سان پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي جي ملاقات ٿي آهي. ملاقات دوران سياسي صورتحال، جيل ڀريو تحريڪ ۽ عام چونڊن وارن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، پرويزالاهي جو چوڻ آهي ته نواز ليگ پنهنجي روايت بڻائيندڙ عدليا تي حملا ڪري رهي آهي، لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي به عمل نه ڪيو پيو وڃي جيڪو حڪمران اتحاد عمران خان کان ڊڄل آهي. اليڪشن ڪميشن ۽ گورنرز ياد رکن آئين ٽوڙڻ تي آئين ئي ڪين سزا ڏيندو. ان موقعي تي عمران خان جو چوڻ هو ته حڪمران نه آئين کي مڃي رهيا آهن نه عدالتي فيصلن کي. پي ٽي آءِ جي قيادت ۽ ڪارڪنن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. نااهل حڪمران ٽولو چونڊن کان ڊڄي انتقامي ڪارروائين جي لهي آيو آهي. هن چيو ته جيل ڀريو تحريڪ تحت سڄي ملڪ مان پارٽي اڳواڻ، ڪارڪن ۽ عوام گرفتاريون ڏيندو قوم خوف جا بت ٽوڙي ميدان ۾ اچي رهي آهي. عمران خان وڌيڪ چيو ته نااهل ٽولي ڀيريان ملڪي معيشت کي تباهه ڪيو. هاڻي آئين جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي، حڪمران وڌيڪ جيترا ڏينهن اقتدار ۾ رهندا ملڪ کي اوترو ئي وڌيڪ نقصان ٿيندو. ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ لاءِ چونڊون اثر آهن

بقايا 11 ***

تان عسڪريت پسند گروهن جو مقابلو ڪرڻ جو مظاهرو نه ڪيو ته دهشتگردي کي پاڪستان کان ٻاهرين جاين تي پهچڻ ۾ گهڻو وقت نه لڳندو ميونخ ۾ سيڪيورٽي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري عالمي برادري کي افغانستان مان دهشتگردي ڦهلجڻ جي خطرن کان آگاهه ڪري ڇڏيو پرڏيهي وزير جو چوڻ هو ته افغانستان جي سيڪيورٽي ۽

دهشتگردي جو خطرو اهم مسئلو آهي. افغانستان کان ٻاهر به هر رنگ ۽ نسل جي دهشتگرد تنظيمن جو وڏو انگ موجود آهي. ياد رهي ته ان کان اڳ به پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته افغان حڪومت جو دهشتگردي کي سنجيده نه وٺڻ ڳڻتي جوڳو آهي.

بقايا 12 ***

ڪيو ويو آهي. ڪيس ٽن دهشتگردن، فرار جوابدارن ۽ سهولت ڪارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ دهشتگردي، قتل، قتل جو ارادي سميت ٻيا ڏوهه شامل ڪيا ويا آهن ڪيس جي متن موجب ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته شام ست لڳي پندرنهن منٽن تي وائرليس ذريعي حملي جا اطلاع مليا. ست لڳي ويهه منٽن تي واقعي واري هنڌ پهتس ۽ نفري طلب ڪئي، ڊي آءِ جي عرفان بلوچ جي سربراهي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ترتيب ڏنو ويو. ڪيس ۾ چيو ويو آهي ته حملي ۾ ٽي دهشتگرد ملوث هئا. هڪ دهشتگرد چوٿين منزل تي جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويو. هڪ ٽئين منزل تي پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، ٽيون دهشتگرد ڇت تي جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويو. ڪارروائي ۾ مارجي ويل ٻنهي دهشتگردن کي به آپگهاتي جيڪٽ پهريل هئي. جڏهن ته پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائيندڙ دهشتگرد جا عضوا مليا آهن ڪيس جي متن موجب حملي ۾ رينجرز ۽ پوليس جا چار اهلڪار شهيد ٿيا. جڏهن ته 19 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حملي جي ذميواري پابندي مڙهيل تنظيم تحريڪ طالبان سوشل ميڊيا ذريعي قبول ڪئي. ڪيس ۾ چيو ويو آهي ته ٽي دهشتگردن گاڏي ۾ سوار ٿي پوليس صدر لائين پهتا هئا. صدر پوليس لائين ويجهو بيٺل گاڏي جي تحويل ۾ ورتو ويو آهي. ڪار سوار دهشتگردن سان گڏ ٻه دهشتگرد موٽر سائيڪل تي پڻ آيا هئا. جن ڪار ۾ سوار دهشتگردن کي ڪي پي او جي نشاندهي ڪئي هئي، دهشتگردن وٽان پنج دستي بم، ٻه آپگهاتي جيڪٽس هٿ آيون جن کي ناڪارا بڻايو ويو.

بقايا 13 ***

۾ ويهي ماڻهن جي ٻارن کي جيل ڀرڻ جو مشورو ڏئي رهيو آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصدق ملڪ جو چوڻ هو ته معاشي بحالي هاڻوڪي حڪومت جي ترجيح آهي. ايندڙ وقت ۾ شين جا اگهه گهٽجي ويندا. پاڪستان ڊفالٽ نه ٿيو. اسان سٺ لک نوجوانن کي قرض ڏينداسين هن چيو ته ماني چورائيندڙ کي سزا ڏني ويندي ۽ هيرا موتي چورائيندڙن کان ڪجهه پڇيو به ناهي ويندو. پٽ کان پڳهار نه وٺڻ تي نواز شريف کي نااهل قرار ڏنو ويو. نون ليگ جي سينيئر اڳواڻ کي جيلن جون سختيون ڀوڳڻيون پيون جڏهن ته گذريل حڪومت اربين روپين جون پر آسائش گاڏيون خريد ڪيون. مصدق ملڪ جو چوڻ هو ته اربين روپين جون واچون چورائيندڙ گهر ۾ ويٺو آهي، عمران خان گهر ۾ ويهي ماڻهن جي ٻارن کي جيل ڀرڻ جو مشورو ڏئي رهيو آهي. هو ماڻهن کي جيل ۾ موڪلڻ چاهي ٿو پر پاڻ گهر ۾ لڪي ويٺل آهي. سندس چوڻ هو ته ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ چاهيون ٿا، غريب ماڻهن تي گهٽ بوجهه وجهنداسين. حڪومتي پاليسين جي ڪري ٿوري ئي وقت ۾ شين جا اگهه گهٽجي ويندا. امير ماڻهن تي ٽيڪس لڳندا ۽ غريب ماڻهن لاءِ گيس جا اگهه گهٽ هوندا. گيس جي پيداواري لاڳت پنجويهه روپين مان گهٽائي ست روپيا ڪئي ويندي، مملڪتي وزير جو چوڻ هو ته اسان پيٽرول ڊالر ڏئي وٺندا آهيون. تيل سستو وٺنداسين ته مڪمل تباهه ٿي ويندو. ٽيون حصو تيل روس کان ورتو ويندو. اپريل تائين روس اهڙي خريداري جو آرڊر ڏنو ويندو.

بقايا 14 ***

کان ٿيندڙ پيادل مارچ ايس يو پي اڳواڻ سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ لاڙڪاڻي ڪانپوءِ باقراڻي پهتو. ايس يو پي جي مارچ جي مختلف سياسي سماجي پارٽين پاران گلن جي ورکا سان آجيان ڪئي پئي وڃي لاڙڪاڻي، باقراڻي ڏوڪري ۽ ٻين هنڌن تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد زين شاهه چيو ته ٻوڏ ۾ بي گهر ٿيل ڪروڙين سنڌين جي بحالي لاءِ نڪتا آهيون. سنڌ کي مهانگائي، بيروزگاري ۽ بدامني جي چار ۾ ڦاسايو ويو آهيايس يو پي مرڪزي اڳواڻ سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته سنڌ واسين کي اپيل آهي ته ڪراچي ۾ گڏ ٿي سنڌ امڙ سان محبت جو اظهار ڪن. حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب سنڌ تباهه ٿي وئي آهيايس يو پي مرڪزي اڳواڻ سيد زين شاهه جو وڌيڪ چوڻ هو ته ماڻهو بک مري رهيا آهن. ايتري مهانگائي ڪئي وئي آهي ته هاڻ ماڻهو خودڪشيون ڪن پيا هن جو چوڻ هو ته مهانگائي، بيروزگاري، بدامني، حڪمرانن جي ڪيل ڪرپشن، معاشي بدحالي جي خاتمي لاءِ نڪتا آهيون. ڌارين جي آبادڪاري خلاف

۽ سنڌ جي نئين سر بحالي لاءِ پيادل مارچ شروع ڪيو آهي

بقايا 15 ***

سمورن الزامن جي سخت لفظن ۾ ترديد ڪري ٿو ته اسپتال ۾ مفت فراهم ڪيو ويندڙ ڪوبه علاج روڪيو ويو آهي. سال 2022 ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي سسٽم ۾ 2.2 ملين کان وڌيڪ مريضن کي مفت علاج فراهم ڪيو ويو. اين آءِ سي وي ڊي مفت دل جون اوپن هارٽ سرجريون ۽ پرائمري انجيوپلاسٽي ڪندڙ دنيا جو سڀ کان وڏو ڪارڊيڪ هيلٿ ڪيئر نيٽ ورڪ بڻجي چڪي آهي ترجمان جو چوڻ آهي ته سال 2022 ۾ 29494 مريضن جون پرائمري انجيوپلاسٽيز ۽ اليڪٽو انجيوپلاسٽيز ڪيون ويون. انجيوپلاسٽيز جو ايڏو وڏو انگ دنيا جي ڪنهن به اسپتال ۾ نٿو ملي. ترجمان موجب اين آءِ سي وي ڊي ڪراچي ۾ 100 کان وڌيڪ اسٽروڪ انٽروينشنز پراسيجرز مفت انجام ڏئي انهن کي هميشه جي معذوري کان بچايا جيڪا اداري جي وڏي ڪاميابي آهي. ان ڪانسواءِ 3641 اوپن هارٽ سرجريز ۽ 74758 کان وڌيڪ ٻيا جديد پروسيجرز مفت انجام ڏنا ويا. اين آءِ سي وي ڊي ترجمان جو چوڻ آهي ته ادارو سڄي سنڌ صوبي ۾ قائم 10 اسپتالن ۽ 24 چيسٽ پين يونٽس تي دل جي هر قسم جو جديد علاج مفت فراهم ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي

بقايا 16 ***

ڏني آهي پر ويجهن دوستن سان استعيفيٰ ڏيڻ جو اظهار ضرور ڪيو/ آهي. نامياري صحافي جو چوڻ آهي ته آفتاب سلطان هڪ سلڇي ساک رکندڙ آفيسر طور سڃاتو ويندو آهي. پنجاب جو آءِ جي به رهيو وري نواز شريف جي دور ۾ آءِ بي جو ڊي جي رهي چڪو. جنهن دوران هڪ خطرناڪ فوجي سازش پڪڙي وقت کان اڳ نواز شريف کي آگاهه ڪيو هو ۽ انٽيليجنس بيورو کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي بهترين ادارو ناهي ان جي بهترين ڪارڪردگي يقيني بڻائي هئي. ظاهر آهي ته اهڙا ايماندار آفيسر ڪڏهن به دٻاءُ برداشت نه ڪندا آهن نه ئي دٻاءُ ۾ اچي غير قانوني ڪم ڪندا آهن. ان ڪري محسوس اهو ٿو ٿئي ته آفتاب سلطان تي ضرور ڪو دٻاءُ آهي ۽ شايد حڪومت کي جسٽس جاويد اقبال جهڙو نيب چيئرمين گهربل آهي ان ڪري آفتاب سلطان استعيفيٰ تي غور ڪري رهيو آهي

بقايا 17 ***

ڏئي ڇڏيو آهي. آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا جرمن اداري کي انٽرويو ڏيندي چيو ته سرڪاري ۽ نجي شعبي ۾ سٺو ڪمائيندڙن کي پنهنجو حصو وجهڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان ۾ امير ماڻهن کي سبسڊيز ۾ ڇوٽ نه ڏيڻ گهرجي. سبسڊي صرف ان ماڻهن ڏانهن منتقل ڪئي وڃي جنهن جي انهن کي ضرورت آهي. ايم ڊي وڌيڪ چيو ته آءِ ايم ايف جو موقف صاف ظاهر آهي ته سبسڊي مان صرف غريبن کي فائدو کڻڻ گهرجي. اسان چاهيون ٿا ته پاڪستان جي غريب عوام کي تحفظ ڏنو وڃي. پاڪستان کي قرضن جي ري اسٽرڪچرنگ نه ۾ ملڪ هلائڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ڪرسٽالينا جارجيوا وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب ٿيندڙ نقصان تي ڏک پهتو آهي. ٻوڏ سبب پاڪستان جي وڏي آبادي متاثر ٿي آهي.

بقايا 18 ***

سرڪاري اعزاز ۽ سلامي سان ادا ڪئي وئي ۽ وڏي وزير شهيد ڪانسٽيبل جي مڙهه تي گلن جي چادر چاڙهي. جنازي نماز پوليس گارڊن هيڊ ڪوارٽر ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي وزير سعيد غني، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، ايڊيشنل آءِ جي جاويد اوڍو، ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ، ايڊيشنل آءِ جيز، ڊي آءِ جيز، ايس ايس پي ۽ سول سوسائٽي جي شخصيتن سميت شهيد اهلڪار جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شهيد ڪانسٽيبل جي وارثن سان ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته عبداللطيف هڪ بهادر پوليس اهلڪار هو ۽ هن دهشتگردن خلاف وڙهندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو. سندس ڏنل قرباني تاريخ ۾ هميشه ياد رهندي.سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪي پي او آپريشن ۾ شهيد ڪانسٽيبل کي ڪيترائي زخم رسيا. شهيد عبداللطيف جي پائرن سان ڳالهائيندي هن چيو ته اسان ڪيس بهترين طبي امداد فراهم ڪري سندس جان بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر هو جانبر نه ٿي سگهيو.وڏي وزير شهيد ڪانسٽيبل جو مڙهه ايمبولينس تائين پهچايو ۽ مرحوم جي روح جي ثواب خاطر دعا پڻ ڪئي. واضح رهي ته شهيد ڪانسٽيبل عبداللطيف 17 فيبروري 2014ع تي سنڌ پوليس ۾ اڳوڻي فوج واري ڪوٽا تي ڀرتي ٿيو ۽ ان وقت سڪيورٽي ڊويزن ۾ خدمتون سرانجام

ڏئي رهيو هو دهشتگردن سان وڙهندي شديد زخمي ٿي پيو، سندس جناح اسپتال ۾ علاج جاري هو ته دم ڏٽي حوالي ڪيائين.شهيد عبداللطيف سوڳوارن ۾ بيواهه، 6 ڌيئرون ۽ هڪ پٽ ڇڏيو آهي

بقايا 19 ***

نمبرز مان 10 کان 12 فون نمبرز بند ٿي ويا، انهن نمبرز ذريعي ٻين شهرن جي به ڊيٽا ڪال ملي وئيجاچ ادارن حملو ڪندڙ دهشتگردن جي سهولتڪارن جي گرفتارين لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. سهولتڪارن جي موجودگي جي اطلاع تي سي ٽي ڊي جي هڪ ٽيم ڄامشورو پهچي وئي

بقايا 20 ***

ڪامياب ٿي وئي آهي هن ٻڌايو آهي ته سنڌو درياهه جي پاڻي کي ڊيم ۾ ڪاميابي سان منتقل ڪيو ويو آهي ۽ اهو منصوبو نئين مرحلي ۾ داخل ٿي ويو سائيٽ تي موجود چيني ۽ پاڪستاني ورڪرن سنڌو درياهه جو پاڻي ٽنل ۾ منتقل ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو ياد رهي ته سنڌ ۾ هر سال پاڻي جي کوٽ سبب ڪيترين ئي زمينون بنجر بڻجنديون رهنديون آهن ۽ درياهه ڪيترين ئي آبادين کي پنهنجي پيٽ ۾ سمائيندو ويندو آهي. سنڌو درياهه جو پاڻي روڪڻ سان سنڌ کي ٽالي ماتر ملندڙ پاڻي به بند ٿي ويو آهي.

بقايا 21 ***

مدد لاءِ واٽر بورڊ طرفان سيڪيورٽي گارڊ پڻ فراهم ڪيا ويندا. اهڙن خيالن جو اظهار چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر / مئنيجنگ ڊائريڪٽر واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران پاڪ ڪالوني هارون آباد سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ جي دوري دوران ڪيو. ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ چيو ته سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ چوڌاري فلڊ لائيٽون لڳايون وينديون ۽ پلانٽ جي چوڌاري ديوار جي تعمير مڪمل ڪئي ويندي. دوري جي موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ لاڳاپيل آفيسرن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ ۾ ڀيهر ڪنهن به قسم جي چوري يا غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ان سلسلي ۾ آفيسر متحرڪ رهندي سيڪيورٽي ۽ پوليس سان مڪمل رابطي ۾ رهن. سي اي او واٽر بورڊ جو چوڻ هو ته واٽر بورڊ جي زمينن ۽ تنصيبات تي ڪنهن کي به چوري يا قبضي جي اجازت نه ڏني ويندي جڏهن ته ٽريٽمينٽ پلانٽ جي چوري ۾ ملوث جوابدار ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن وڌيڪ چيو ته چوري ۾ ملوث سمورن جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪندي ڪين عبرتناڪ سزا ڏياري ويندي. دوري جي موقعي تي ايس پي بلديا مغيز احمد، چيف انجنيئر سيوريج آفتاب عالم چانڊيو، چيف انجنيئر اي اينڊ ايم سيوريج منظور ڪتري، ڊي ايس ٽري اويس ملڪ، چيف سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ نثار احمد مگسي، ايس اي ٽي پي ون جگديش ڪمار، سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ ميجر(ر) عبدالمجيد اعوان، سيڪيورٽي آفيسر واٽر بورڊ نويد نور خان، ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٽي پي ون دوست علي مگسي ۽ ايس ايڇ او ڪياماڙي پوليس سميت ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا. واضح رهي ته سي اي او واٽر بورڊ پاران سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ مان علائقي واسين پاران ضروري سامان ۽ آلات جي چوري جو سخت نوٽيس وٺندي ملوث جوابدارن خلاف فوري طور تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو جنهن جي نتيجي ۾ چار مختلف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا 22 ***

عام ٿي نه آئي آهي پر چيف جسٽس کي ملي وئي آهي. جنهن پريشاني ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي . اجلاس ۾ 15 مان 14 جج شريڪ ٿيا، چوڏهون هڪ اسلام آباد ۾ موجود نه هو اجلاس ۾ صورتحال جوجائزو ورتو ويو آهي. جنهن ڪانپوءِ اهي امڪان آهن ته جنهن جج جي آڊيو منظر تي آئي آهي اهو شايد استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.ان ڪري به ته پرويزالاهي بظاهر پنهنجي پسند جو فيصلو پسند جي بئنچ يا جج کان وٺي چڪو آهي ۽ سي سي پي او لاهور غلام محمد ڊوگر بحال ٿي چڪو آهي. ان ڪري فيصلي تي به آڱريون کڄي رهيون آهن ۽ جج جي ڪردار تي به سوال اٿي رهيا آهن. رهيو سوال ته اها آڊيو جيڪا اداري جي سربراهه وٽ موجود آهي ان جو ڇا ٿيندو ان بابت ايندڙ وقت ٻڌائيندو، اهي به اطلاع آهن ته جسٽس مظاهر علي نقوي کي استعيفيٰ ڏيڻ جي اجلاس ۾ صلاح ڏني وئي آهي.

بقايا 23 ***

ورڪر ڪنوينشن کي خطاب ڪندي راڻا ثناءُ الله جو چوڻ هو ته اسان چونڊن کان ڀڄڻ وارا ناهيون، مسلم ليگ نون اليڪشن جي لاءِ مڪمل تيار آهي پر ملڪ ۾ چونڊون هڪ ئي وقت تي ٿيڻ

گهرجن. هن چيو ته نون ليگ ۽ نواز شريف ملڪ کي اڳ ۾ به بحرانن کان ڪڍيو آهي. ملڪ لاءِ جيڪي ڏکيايون آهن نواز شريف جي سربراهي ۾ نون ليگ قيادت ملڪ کي انهن بحرانن مان ڪڍندي.عمران خان سان مخاطب ٿيندي مسلم ليگ نون پنجاب جي صدر جو چوڻ هو ته عمران خان جو بنيادي ايجنڊا ملڪ ۾ ڏڦيڙ ڦهلائڻ آهي، هو ملڪ کي عدم استحڪام جو شڪار بڻائڻ چاهي ٿو پر اسان نٿا چاهيون ته عمران خان کي ڪو اهڙو موقعو ملي. هڪ پاسي جيل ڀريو تحريڪ جي ڳالهه ڪري ٿو وري پاڻ لڪي ويٺل آهي، جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪريو توهان کي اهڙو جواب ڏينداسين جيڪو گمان به نه هوندو. اسان جيلن ۾ انهن کي واڙينداسين جيڪي ملڪ ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ چاهين ٿا. ورڪرن کي نه پر عمراني ٽولي جي انهن بدبخت ماڻهن کي جيل ۾ وجهنداسين جيڪي ملڪ کي نقصان پهچائڻ ٿا.

بقايا 24 ***

سان ڳالهيون ڪندي چيو ته صدر عارف علوي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار رکي ٿو صدر عارف علوي کي چوان ٿو ته سڀائي چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري يا استعيفيٰ ڏئي گهر روانو ٿئي. شيخ رشيد چيو ته ملڪ کي بحران ڏانهن ڌڪڻ ۾ اليڪشن ڪميشن جو اهم ڪردار آهي. خواجه آصف پاڻ اعتراف ڪيو آهي ته ملڪ ڊيفالٽ ٿي چڪو آهي. هي اڳ چوندا هئا ته ملڪ کي ڊيفالٽ چوندڙ غدار آهي. هن چيو ته مريم نواز چيو هو ته منهنجي حڪومت ناهي. پر اها پاڻ ئي ٻڌائي ته هن وقت ڪنهن جي حڪومت آهي؟ صوبن ۽ مرڪز جون چونڊون گڏ ٿينديون. شيخ رشيد چيو ته پنهنجو اڌ سامان جيل ۾ ڇڏي آيو آهيان، عمران خان جڏهن چوندو ته سڀني کان پهريان مان گرفتاري ڏيندس. شيخ رشيد چيو ته مون پهريان ئي ايف آءِ آر لکرائي ڇڏي آهي ته آصف زرداري سميت 5 منهنجا جوابدار هوندا گرفتاري ۽ ضمانت کان پوءِ هڪ نئون شيخ رشيد سامهون آيو آهي. شيخ رشيد چيو ته پيٽرول ۽ عام واهپي جي شين جون قيمتون وڌائڻ باوجود آءِ ايم ايف هنن سان خوش ناهي، انهن کي خبر آهي ته هي سڀ چور آهن. قوم کان پڇان ٿو ته 10 مهينا گذري ويا نوازشريف ڇو ملڪ واپس نه پيو اچي. هي عمران خان سان چونڊون وڙهڻ جي لاءِ تيار ناهن.

بقايا 25 ***

پوليس چوڪي تي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار مشتاق گڏاڻي شهيد ٿي ويوپوليس موجب چوڪي تي ڊيوٽي دوران پوليس اهلڪار شڪي ماڻهو ڏسي لائيٽ هڻندي ته هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني. شهيد مشتاق گڏاڻي جو مڙهه اسپتال منتقل ڪري ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. شهيد اهلڪار ڳوٺ گل بيگ گڏاڻي جو رهواسي هوجڏهن ته هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل اهلڪار جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي، ميرپورماٿيلو ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل پوليساهلڪار جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي، شهيد اهلڪار مشتاق گڏاڻي جي اباڻي ڳوٺ ۾ جنازي نماز ادا، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين شرڪت ڪئيمشتاق گڏاڻي چوڪي تي ڊيوٽي دوران شڪي ماڻهن کي ڏسي لائيٽ هڻندي ته هٿيارٻندن فائرنگ ڪري شهيد ڪيو پوليس دستي پاران شهيد اهلڪار کي مشتاق گڏاڻي سلامي ڏني وئي

بقايا 26 ***

جي علائقي سيٽلائيٽ ٽائون جي ليڊيز پارڪ ويجهو ڪارروائي ڪندي هڪ عورت کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته گرفتار عورت جي قبضي مان آپگهاتي جيڪٽ هٿ آئي آهي ۽ جيڪٽ ۾ چار ڪلو گرام بارودي مواد موجود هو

بقايا 27 ***

سان به رابطو ڪري ورتو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ شبلي فراز انتظامي جج عابد عزيز شيخ کي درخواست ڏئي ڇڏي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته عمران خان جي زندگي کي پيش ايندڙ خطرن کي نظر ۾ رکندي سيڪيورٽي ڪليئرنس ڪرائي وڃي. ايڊمنسٽريٽو جج طرفان سيڪيورٽي ڪليئرنس ملڻ کان پوءِ عمران خان هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيندو.

بقايا 28 ***

اليڪشن ڪميشن جون آئيني حدون نه اورانگهي ۽ نه سياست ڪري، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ خواجا آصف چيو ته عارف علوي پنهنجو نه ته پنهنجي عهدي جو خيال ڪري، هن چيو ت عارف علوي کي ياد رکڻ گهرجي ته هو صدر جي عهدي تي 2018ع جي سليڪشن جي نتيجي ۾ قابض ٿيو هو. ان سان گڏوگڏ بڇاءِ واري وزير

ريفرنس ۽ وارننگ لاءِ سپريم ڪورٽ جو فيصلو پڻ شيئر ڪيو

بقايا 29 ***

رهي آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي مريم اورنگزيب چيو ته عدليه جو مذاق ۽ توهين جيڪا اوهان ڪري رهيا آهيو، ان جي مثال ڪٿي به نٿي ملي. عدليه کي گارين ۽ ڌمڪين کان پوءِ روز چوٽ اوهان وٺندا آهيو. عمران خان صاحب اهي بيان ڏيڻ لاءِ تمام گهڻي بيشرمي گهرجي. ليگي اڳواڻ چيو ته (ن) ليگ هاڻ صرف ۽ صرف اوهان ۽ اوهان جي سهولتڪارن کي بي نقاب ڪرڻ، پاڪستان جي معيشت کي ڪوڪلو ڪرڻ ۽ عوام کي بيروزگار ڪندڙ ادارن خلاف مهم هلائي رهي آهي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته مسلم ليگ(ن) هاڻ صرف فارين ايجنٽ ۽ توشه خانه چور ۽ ملڪ خلاف سازشون ڪندڙن خلاف مهم هلائي رهي آهي.

بقايا 30 ***

آهي. ياد رهي ته پرڏيهي برانڊن ۽ مقامي سگريٽن جي هڪ پيڪيٽ ۾ 20 سگريٽ شامل آهن فيڊرل بورڊ آف ريوينيو (ايف بي آر) طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ملڪي سگريٽن تي ايڪسائيز ڊيوٽي وڌائي 16 رپيا 5 پيسا ۽ 9 رپين کان وڌيڪ اڳهه واري سگريٽ تي 5 رپيا ۽ 9 رپين کان گهٽ اڳهه واري سگريٽ تي 5 رپيا ايڪسائيز ڊيوٽي لاڳو ڪئي وئي آهي. پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني (پي ٽي سي) سگريٽن جي مختلف برانڊز جي نئين پرائس لسٽ جاري ڪري ڇڏي آهي گولڊ ليف سگريٽ دبي جو اڳهه اوچتوئي 260 رپين مان وڌي 479 رپيا في پيڪٽ ٿي ويو آهي. جڏهن ته گولڊ ليف ڪليا سگريٽ اوچتو ئي 15 رپين مان 25 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن ڪيبسٽان جي في پيڪي قيمت 80 يا 100 رپين مان اوچتو 210 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. مقامي ڊن هيل لائٽس جو اڳهه به 260 رپين مان وڌي 478 رپيا ۽ ڊن هيل سوئيچ جو اڳهه 80 يا 100 رپين مان وڌي 280 کان 522 رپيا في پيڪ ٿي ويو آهي، پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني جي لسٽ موجب لوڪل بينسن اينڊ هيجز (بي اينڊ ايڇ) جي قيمت 479 رپيا في پيڪ ٿي وئي آهي، جان پليئر 210، گولڊ فليڪ. ايمبيسي ۽ سي بي بي ايم سگريٽ جو هڪ پيڪيٽ 211 رپيا ٿي ويو آهي. ماضيءَ ۾ انهن ٽنهي برانڊن جا سگريٽ 100 کان به گهٽ تي پيڪ ۾ وڪرو ٿيندا هئا.

بقايا 31 ***

ڪيو ويو آهي. ڪيس ٽن دهشتگردن، فرار جوابدارن ۽ سهولت ڪارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ دهشتگردي، قتل، قتل جو ارادي سميت ٻيا ڏوهه شامل ڪيا ويا آهن ڪيس جي متن موجب ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته شام ست لڳي پندرنهن منٽن تي وائرليس ذريعي حملي جا اطلاع مليا. ست لڳي ويهه منٽن تي واقعي واري هنڌ پهتس ۽ نفري طلب ڪئي، ڊي آءِ جي عرفان بلوچ جي سربراهي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ترتيب ڏنو ويو. ڪيس ۾ چيو ويو آهي ته حملي ۾ ٽي دهشتگرد ملوث هئا. هڪ دهشتگرد چوٿين منزل تي جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويو. هڪ ٽئين منزل تي پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، ٽيون دهشتگرد ڇت تي جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويو. ڪارروائي ۾ مارجي ويل ٻنهي دهشتگردن کي به آپگهاتي جيڪٽ پهريل هئي. جڏهن ته پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائيندڙ دهشتگرد جا عضوا مليا آهن ڪيس جي متن موجب حملي ۾ رينجرز ۽ پوليس جا چار اهلڪار شهيد ٿيا. جڏهن ته 19 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حملي جي ذميواري پابندي مڙهيل تنظيم تحريڪ طالبان سوشل ميڊيا ذريعي قبول ڪئي. ڪيس ۾ چيو ويو آهي ته ٽي دهشتگردن گاڏي ۾ سوار ٿي پوليس صدر لائين پهتا هئا. صدر پوليس لائين ويجهو بيٺل گاڏي جي تحويل ۾ ورتو ويو آهي. ڪار سوار دهشتگردن سان گڏ ٻه دهشتگرد موٽر سائيڪل تي پڻ آيا هئا. جن ڪار ۾ سوار دهشتگردن کي ڪي پي او جي نشاندهي ڪئي هئي، دهشتگردن وٽان پنج دستي بم، ٻه آپگهاتي جيڪٽس هٿ آيون جن کي ناڪارا بڻايو ويو.

بقايا 32 ***

سرڪاري اعزاز ۽ سلامي سان ادا ڪئي وئي ۽ وڏي وزير شهيد ڪانسٽيبل جي مڙهه تي گلن جي چادر چاڙهي. جنازي نماز پوليس گارڊن هيڊ ڪوارٽر ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي وزير سعيد غني، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، ايڊيشنل آءِ جي جاويد اوڍو، ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ، ايڊيشنل آءِ جيز، ڊي آءِ جيز، ايس ايس پي ۽ سول سوسائٽي جي شخصيتن سميت شهيد اهلڪار جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 01 سنڌيار

صوبيدار ميجر غلام شبير جروار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي سٽي نئون ديرو جي صدر سڪندر علي ناريجو نائب صدر مختيار علي مگنيجو غلام حيدر چنه. اختيار علي ميراڻي، ادريس موريو احمد لاشاري، اوشاق لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي ته اڳواڻن جو چوڻ هيو ته موجوده سرڪار ريڪارڊ ٽوڙ مهانگائي ڪري غريب ماڻهو جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، وفاقي سرڪار پاران پيش ڪيل مني بجيٽ ڪنهن زلزلي کان گهٽ ناهي ان مني بجيٽ جي پيش ڪرڻ سان وڌيڪ مهانگائي وڌي وئي آهي 500 روپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور پنهنجا ٻارن کي ٻه وقت جي ماني ڪارائي يا انهن کي تعليم ڏياري هاڻي ته اسان جا نسلن جا نسل اڻ پڙهيل ٿي ويندا هنن مطالبو ڪيو ته مهانگائي کي گهٽ ڪري عام ماڻهو کي رليف ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي دائري کي وڌايو ويندو.

بقايا 02 سنڌيار

محنت ڪري هزارين ايڪڙن تي ٽماٽي جو فصل پوکي تيار ڪيو آهي جيڪو هن وقت مارڪيٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪراچي حيدرآباد لاهور پنڊي پشاور ڪوئيٽا ۽ بدين جي واپارين ٽماٽي جو اگهه ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري مهينو اڳ 150 روپيا ڪلو وڪرو ٿيندڙ ٽماٽو هن وقت بازارن ۾ ڳاڏن تي 10 روپيا ڪلو وڪامجي رهيو آهي جڏهن ته منڊي ۾ آبادگارن کان ان کان به گهٽ اگهه تي ٽماٽو خريد ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري ڪين سخت نقصان رسي رهيو آهي ان سلسلي ۾ آبادگار اڳواڻن محمد خان ساريجو لالا نواز شيخ عزيز الله ڏيرو ٻڌايو ته بدين ۾ واپارين هڪ هٽي قائم ڪري ٽماٽي جو اگهه ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهنڪري آبادگارن طرفان ڪيل پوکي جو خرچ ته نٿو نڪري پر فارم کان منڊي تي ٽماٽو پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو خرچ به نٿو نڪري هن چيو ته آبادگارن جي حڪومتي سرپرستي نه هجڻ سبب بدين جي آبادگارن جو ايندڙ هر فصل ماري ڪنيو پيو وڃي جنهن ڪري هاري ۽ آبادگار طبقو قرضي ٿي ويو آهي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بدين جي آبادگارن ۽ هارين کي واپارين جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران سنڌن مالڪي ڪري بدين ۾ ٽماٽي ڪيچپ ۽ ٽماٽو ساس جا ڪارخانا هنيا وڃن ۽ ڊيساور ۾ ٽماٽو موڪلي ناڻو ڪمائڻ جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن غريب آبادگار سک جو ساهه کڻن هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان آبادگارن جي مالڪي نه ڪرڻ جي ڪري هر سال سنڌ جي سڀ کان وڏي ٽماٽا منڊي جي آبادگارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچي رهيو آهي

بقايا 03 سنڌيار

سميت ضلعي مان ڪا نه ڪا چوري يا ڦر جي وارداتن نه ٿيندي هجي محسوس ائين ٿي رهيو آهي جڻ ٺٽو پوليس ضلعي لٽي جي عوام کي صرف الله پاڪ جي وس ڇڏي ڏنو آهي گذريل ڏينهن ٺٽي ٿاڻي جي حد مان درگاهه شاهمراد روڊ تان هڪ شهري کان ڦورو موٽر سائيڪل سميت ڪيش رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا هيا ۽ رات وري مڪلي ٿاڻي جي حد مان ٺٽو سيمنٽ فيڪٽري لڳ سومار جوکيو اسٽاپ تي لڳل موبائل فون زونگ ڪمپني جي ٽاور جون ٽارون نامعلوم چور ڪٽي چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جنهن جي ڪري علائقي ۾ زونگ جي سروس معطل ٿي وئي آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته رات دير سان ٽي نامعلوم چور زونگ ڪمپني جي ٽاور جون ڪيبلز ڪٽي چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن چورن جا پيرا پڻ لڳل آهن پتو لڳائڻ لاءِ علائقي واسين پيرا ڪٽڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن ياد رهي ته گذريل ڪافي عرصي کان سمورو ضلعو بدامني جي ور چڙهيل آهي پوليس بدامني کي روڪڻ ۾ ناڪام نظراچي رهي آهي ائين پيو محسوس ٿئي جڻ ٺٽي ضلعي جي امن امان واري صورتحال کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي هجي

بقايا 04 سنڌيار

سولنگي ۽ ٻين ڏانهيو ته دادو خزانه آفيس ۾ ڪرپشن جي ڏم متل آهي هر مهيني مختلف کاتن جي ماڻهن جي نالن تي ميڊيڪل جا ڪوڙا بل پاس ڪيا وڃن ٿا، هاڻ ته قرضي نالن سان پينشن جا ڪوڙا ريسٽوريشن جا بل پاس ٿي رهيا آهن، هر مهيني مپينا ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪئي وڃي ٿي جنهن جا ثبوت پڻ موجود آهن، خزانه آفيس جي عملدار جيڪي هن ڪڏي ڪم ۾ مصروف عمل آهن انهن خلاف احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا 05 سنڌيار

جي ڏاڏاڻن خلاف معصوم ٻارن ۽ عورتن سان گڏجي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تي جوابدار ساحل جمالي نشي ۾ ڌُت ٿي اسان جي در تي هنگامو ڪري مارڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو ڌمڪين بعد پوليس کي اطلاع ڏنو مگر انصاف نه ٿيو پوليس ڏيتي ليتي بعد جوابدار کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي ، اسان کي جاني ۽ مالي نقصان جو انديشو آهي ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪريون ٿا ته تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 06 سنڌيار

آئي بي اي ٽيسٽ پاس استادن کي ڀرتي ٿيندي 11 مهينا گذري ويا آهن، پر ٽريزري پاران سنڌن پگهارن واريون آئيڊيون نه کوليون ويون آهن. جنهن ڪري 11 مهينن کان وٺي سنڌن پگهارون نه ٿي سگهيون آهن. هنن چيو ته 11 مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري استادن جي گهرن ۾ فاڪا ڪشي جي صورتحال آهي. سيڪريٽري تعليم ۽ فنانس کاتي کان گهر ڪئي ته فورن نون استادن جون آئيڊيون کولي ڪين پگهارون ڏنيون وڃن.

بقايا 07 سنڌيار

نمبر 11 ميمن محلا جي رهواسي غلام مصطفيٰ ملاح پنهنجي ٻارن سميت پريس ڪلب محرابپور تي ٻاٿر ماڻهن خلاف احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن تحفظ جو مطالبو ڪيو ميڊيا جي نمائندن کي ٻڌايو ته منهنجي ماڻٽن جو تعلق لاڙڪاڻي سان آهي. جتي منهنجي پٽ شهباز مال جي به شادي ٿيل آهي، سندس ماڻٽن تعلقي سوڀوديرو جي ڳوٺ منور پنهڻ ۾ رهواسي آهن. جيڪي اسان کي ڏاڏائي ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهيا آهن. منهنجي پٽ کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جن ۾ محمد عرف سيال، محمد عرف سيال محمد پنجل، نواز، صدام ۽ رانجهن سيال مون کي ۽ منهنجي گهرڀاتين کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جيڪڏهن مون کي يا منهنجي گهرواري کي ڪجهه ٿيو ته ان جا ذميوار مٿيان ماڻهو هوندا. سندن خلاف محرابپور ٿاڻي ۾ ابتدائي رپورٽ پڻ داخل ڪئي وئي آهي. پر پوليس اڃا تائين سندن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي. منهنجو پٽ لاڙڪاڻي وڃي رهيو آهي، جوابدارن ڪيس نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون آهن. جڏهن ته ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ اعليٰ اختيارين کان احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو اسان کي انهن کان تحفظ فراهم ڪريو س60

بقايا 08 سنڌيار

اسحاق مهاجر جي دڪان مان ٽامون پتل چست جو 70000 هزار ربين جو سامان ڪٽي ويا ساڳي روڊ تي انور ملاح جي هوٽل جون سولر پليٽون لاٿي ويا ان ڪانسواءِ طالب سومرو جي مرغي جي دڪان جو صندل چوري ڪري ڪٽي ويا بدين پوليس سرزمين تي پهچي جانچ شروع ڪئي هوڏانهن واقعي کان پوءِ شهرين جو هنگامي اجلاس ٿيو بدين شهر ۾ وڌندڙ چورين تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته بدين شهر ۾ چورين جو آزار بند ڪرائي شهرين جون ٿيل چوريون ڪين واپس ڪرائي ڏنيون وڃن ٻي صورت ۾ شهري سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 09 سنڌيار

جي دڪان رات چور ڪٽر سان تالا ٽوڙي ڏيڊ لک جو سامان چوري ڪري ويا. دڪاندار عرفان علي پرٽ ٻڌايو ته منهنجو دڪان منياٽي روڊ ڊسٽرڪٽ جيل کان 500 فوٽ ۽ ڊسٽرڪٽ پوليس لائين 1000 فوٽ وچ تي آهي ان باوجود چور دليري سان منهنجي دڪان جا تالا ڪپي آساني سان دڪان ۾ سامان کڻي ويا آهي ٻه مهينا اڳ به منهنجي دڪان مان چوري ٿي هئي نوشهرو فيروز ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر ان باوجود هن وقت تائين پوليس جاءِ واردات تي ڪانهي آهي بدامني عروج تي آهي مان غريب مزدور آهيان سڀ سامان ڪسٽمرن جو پيل هو جيڪو مون مرمت ڪري رکيو هو چور ڪسٽمرن جو سامان کڻي ويا آهن مان هاڻي انهن کي ڪٿان ڀري ڏيندس هن اعلا اختيارين کي اپيل ڪئي ته منهنجو ڪيس داخل ڪري سامان واپس ڪرايو ڏيو.

بقايا 10 سنڌيار

ملاح ۽ ٻين سان گڏ بدين پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌن نوجوان پٽ عرفان ملاح هڪ با اثر وڏيري انور چانڊيو جي فلٽر پلانٽ تي مزدوري ڪندو هو ڪيس انور چانڊيو ۽ ان جو پٽ غلام مصطفيٰ چانڊيو اسان جي گهر وارو پلاٽ ڪين وڪرو ڪري اتان لڏي وڃڻ لاءِ دٻاءُ وجهندا رهيا اسان پلاٽ هنن کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هنن عرفان ملاح کي ڦاسائڻ لاءِ بدين پوليس سان ڳٽ جوڙ ڪري منهنجي پٽ عرفان کي گهران سڏ ڪري وٺي ويا ۽ ڪيس سولر پليٽ ۽ پکو بازار ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ڏنا جنهن بعد پوليس سان ملي پڳت ڪري غريب عرفان ملاح جي مٿان سولر پليٽون ۽ پنکو چوري ڪرڻ جو بدين ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڪيس گرفتار ڪري ان تي تشدد ڪيو ۽ جيل موڪلي ڇڏيو آهي هنن چيو ته اهو ظلم اسان کي پنهنجي پلاٽ تان بي دخل ڪري قبضو ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي بي ريا جانچ ڪرائي ڪين انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا 11 سنڌيار

ملڪ سوسائٽي ٻاهريان چانورن جي هول سيل جي دڪان تي موٽرسائيڪل تي سوار هٿياربندن چڙهائي ڪري دڪان مالڪ عامر ملڪ کان لکين روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا سچل ٿاڻي جي حد اندر ڏوهي وارداتن ۾ اضافي ٿيڻ بعد شهري سخت پريشان بڻيل آهن مگر پوليس ڏوهارين آڏو بيوس بڻيل آهي جيڪي ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويا آهن

بقايا 12 سنڌيار

، صوبائي صدر انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن سنڌ. خبر موجب: صوبائي صدر انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر اشفاق احمد ملاح انفارميشن ٽيڪنالاجي جي هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته انفارميشن ٽيڪنالاجي جا ملازم هر محڪمي جي اندر ڪرنگهي جي حيثيت رکن ٿا ان ڪري گريڊ 17، آئي، ٽي پروفيشنل الائونس ۽ ريمينگ ڪيڊرس جي اپ گريڊيشن انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جو بنيادي حق آهي ۽ اسان کي اسان جي حق وٺڻ کان ڪير به محروم نه ٿو سگهي ان وڌيڪ ڳالهائيندي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن کي اپيل ڪئي ته پاڻ ۾ ٻڌي رکو ۽ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيو ته جيئن سامهون ايندڙ وڏي کان وڏي مسئلن کي هڪ ٻئي جي ساٿ سان حل ڪري سگهجن هن وڌيڪ چيو ته انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ڪنهن به ملازم سان ڪا به ناجائزي برداشت نه ڪئي ويندي چوجو انفارميشن ٽيڪنالاجي جو پليٽ فارم سنڌن حقن کي محفوظ بنائي ٿو ان موقعي ته هن سکر ڊويزن لاءِ محسن خان ميمڻ کي صدر، سيد يامين شاهه کي سينيئر وائيس پريزيڊنٽ، محمد ذاڪر آرائين وائيس پريزيڊنٽ ون، مير محبوب علي ٽالپر کي وائيس پريزيڊنٽ ٽو آصف رضا اڄڻ کي جنرل سيڪريٽري، عديل احمد ملڪ کي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، سيد آصف علي شاهه کي انفارميشن سيڪريٽري، سيد طاهر شاهه کي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ناصر پٺاڻ کي فنانس سيڪريٽري طور نامزد ڪيو ويو ان موقعي تي صوبائي قيادت جاويد علي ڪيريو اي جي انصاري، سجاد مگسي، مير جام ڏهري، راحب حسين عارباڻي سميت لاڙڪاڻي ڊويزن جي قيادت عامر علي عباسي، وحيد ڦلپوٽو رمضان سولنگي، گدا حسين، شبير ڪلوڙ، سميت ٻين خطاب ڪندي چيو ته آئي، ٽي، ايءِ، اي سنڌ صرف ۽ صرف انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جي جائز مسئلا بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي حل ڪرڻ ۾ يقين رکي ٿئي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به مسئلي تي ڪمپرومائيز نه ڪيو ويندو، پروگرام جي آخر ۾ سکر ڊويزن جي نئي چونڊيل باڊي جي حلف برداري به ڪئي وئي بعد ۾ نئي چونڊجي آيل ڪميٽي آئي ٽي ايسوسئين جي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ يقين ڏياريو ته هو سکر ڊويزن جي آئي، ٽي ملازمن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. ان موقعي ته سکر ڊويزن جي هر هڪ محڪمي سان لاڳاپيل انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جي وڏي تعداد موجود هئي.

بقايا 13 سنڌيار

عبدالخالق عباسي ڊاڪٽر محمد صفر چنه ڊاڪٽر نور حسين مورو پيراميڊڪس اڳواڻ اعجاز مميائي اشرف قريشي سعود ٻوهيو ۽ محمد جمن شيخ موجود هئا جن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صفائي هر ڪو پسند ڪندو آهي، پر صفائي ڪندڙ کي ڪير به ناهي پسند ڪندو پر اسان سڀ گڏجي اسپتال ۾ صفائيءَ جو هفتو ملهائي رهيا آهيون اڳواڻن چيو ته صفائي ڪرڻ اسان پنهنجي تربيت ۾ شمار ڪريون ۽ پاڻ کي صاف سٿرو رکون ته ادارا خود صاف ٿيندا اسان پنهنجي گهرن ۾ ٻارن کي صفائي ۽ ماحولياتي گدلاڻ بابت آگاهي ڏيون ته هر گهر ۽ گهٽي ڳوٺ ۽ شهر کي صاف سٿرو رکي سگهجي ٿو.

بقايا 14 سنڌيار

شروع ٿي ويو آهي جنهن جو افتتاح شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جي مرڪزي چيئرمين علي محمد سومرو سردار عبدالخالق سومرو سردار عبدالصمد سومرو سردار سمير خان سومرو ڊاڪٽر حنيف سومرو سليمان سومرو علي گل سومرو ۽ ٻين شهيد سلطان دودو سومرو جي مزار تي چادر چاڙهي ڪيو جڏهن ته عرس مبارڪ ۽ يوم تاسيس جي موقعي تي صوبي جي مختلف شهرن مان شهيد دودو سومرو جي پوئلڳن جي آمد جو سلسلو جاري آهي ٻي طرف رات جو ادبي ڪانفرنس دوران مختلف اديبن محققن سومرن جي چار سئو سال سنڌ تي حڪمراني شهيد دودو سومرو جي تخت روپاري تي دهلي جي حڪمران علاالدين خلجي جي ڪاهه ۽ پنهنجي ننگن ۽ دنگن لاءِ سورهيائي سان وڙهي شهيد ٿيڻ توڙي چنيسر جي ڪردار تي روشني وڌي جڏهن ته يوم تاسيس موقعي تي تاريخي ماڳ روپا ماڙي تي تي ڪتابن ڪاڏي پيتي جي مختلف شين مٿاين سان گڏ وندر ورون جا مختلف اسٽال لڳايا ويا محفل موسيقي دوران قومي راڳي وقار ملاح ۽ ٻين قومي ۽ صوفي گيت ڳائي محفل محفل کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا ڇڏيا

بقايا 15 سنڌيار

ڪوٽ جي شڪايتن جو ازالو ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي ، بلڙي شاخ جي پڪي ٿيڻ واري عمل تي آبپاشي کاتي جي ايڪسين غلام عباس پنهور ، آبادگار اڳواڻ ميرڪاظم رضا ٽالپر ، احمر ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا کي پريس بريفنگ ڏيندي چيو ته هڪ هزار 25سو ايڪڙن کان وڌيڪ زرعي زمين لاءِ بلڙي شاخ مان پهريون ڀيرو پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي ، جنهن ۾ 68 ڪروڙ جي لاڳت سان شاخ کي پڪو ڪري هارين ۽ آبادگارن لاءِ زراعت جي پوک ڪرڻ ۾ فائديمند بڻايو ويو آهي ، جنهن ۾ 63 آر ڊين مان 20 آر ڊين مڪمل ٿي ويون آهن رهيل آر ڊين کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم جاري آهي ، هنن چيو ته سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ جي ڪري لکين ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ حوالي ٿي رهي آهي ، سنڌ جي لاڙ واري پٽي کي سمنڊ تمام گهڻو نقصان رسايو آهي ، جنهن ۾ دريائي ٻوڙ سان سنڌ جي زمين اتر ۽ لاڙ جي اندر بنجر ٿي رهي آهي جنهن ۾ شاخن کي پڪو ڪرڻ وارو عمل پاڻي جي ڪوٽ لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو ، آبادگارن ۽ هارين کي ان مان فائدو حاصل ٿيڻ سان گڏ سنڌ جي زراعت وڌيڪ تباهي کان بچي سگهندي جنهن لاءِ صرف هڪ شاخ کي پڪو ڪرڻ بجاءِ سڄي سنڌ جي شاخن کي پڪو ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار کي عملي قدم کڻڻ گهرجن ، برساتي تباهڪارين جو پڻ ازالو ڪرڻ گهرجي ، بلڙي شاخ جي پڪي ٿيڻ واري اسڪيم هزارين آبادگارن ۽ هارين لاءِ زرعي ڏڪار مان نجات حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين موقعو فراهم ٿي ويو آهي ، سنڌ جي لاڙ واري پٽي ۾ بلڙي شاخ جا آبادگار اڌ صدي کان پاڻي جي ڪوٽ جي ڪري پريشان رهيا آهن ، جنهن ۾ هاڻي ڪين تمام گهڻو فائدو حاصل ٿي سگهندو ، انهي موقعي تي دستاويزي فلم سان آبادگارن ۽ هارين کي بلڙي شاخ بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي ۽ ڪين پاڻي جي ڪوٽ کي نقصان کان بچائڻ لاءِ آگاهي ڏني وئي ، انهي موقعي تي بلڙي شاخ جي ننڍن وڏن آبادگارن هارين شرڪت ڪري ٿيل ڪم جو جائزو ورتو ۽ خوشي جو اظهار ڪيو.

بقايا 16 سنڌيار

جنهن ۾ مشهور ڊاڪٽر ثاقب شاهه هڏي جي سور ڪن رڳ ڳوڏن جي ڪمزوري ۽ ڀيرن جي زخمن ۾ مبتلا 150 مريضن جو چيڪ اپ ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون ان موقعي تي سرجن ڊاڪٽر ثاقب شاهه ٻڌايو ته ضلعي سکر جي پوئتي پيل علائقي نڪرانو ۾ صحت جون سهولتون ناهن ان لاءِ هڪ روزا ميڊيڪل ڪئمپ هٽي مختلف بيمارين ۾ مبتلا 150 مريضن جو چيڪ اپ ڪري دوائون فراهم ڪيون آهن مفت ڪئمپ جا انتظام ڊاڪٽر شمن شاهه سنپارا.

بقايا 17 سنڌيار

۽ آجرجي ڏينهن تي روڊ استعمال ڪندڙن جي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.ان حوالي سان ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس سائوٿ زون جاويد علي مهر جو چوڻ آهي ته نيشنل هاءِ وي ۽ موٽر وي تي موڪلن دوران اڪثر گاڏين جي رش هوندي آهي، ان ڪري نيشنل هاءِ وي تي سمورن ٽال پلازن ۽ گائيڊس سينٽرس تي موٽر وي پوليس جا وڌيڪ آفيسر موجود هوندا آهن. روڊ سيفٽي بابت بريفنگ ڏيڻ کان علاوه ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ روڊ سيفٽي پمفليٽ، بڪ ليٽ، اسٽيڪرز ڏنا پيا وڃن ۽ روڊ سيفٽي بابت وڌيڪ آگاهي حاصل ٿي سگهي. ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس چيو ته روڊن تي سفر کي آسان ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ موٽروي پوليس جا آفيسر 24 ڪلاڪ روڊن تي موجود آهن، ڊرائيور ۽ موٽروي پوليس جو ساٿ ڏين ۽ گاڏيون احتياط سان هلائين ۽ قانون موجب گاڏيون هلائين ته جيئن مڪمل طور تي حادثن تي ضابطو آڻي سگهجي س54

بقايا 18 سنڌيار

وڏي عقيدت احترام سان ملهايون ويون جنهن ۾ درگاهه جو گادي نشين بادشاهه ميان فداحسين پيرزادو جي اباڻي حويلي کان ميندي نڪتي جيڪا سلسلي مطابق درگاهه پهچائي وئي جتي مست قلندر دمادم مست قلندر جون صدائون سان شهر گونجڻ لڳو قلندري ڌمال تي فقيرن ۽ عقيدتمندن رقص پڻ ڪيو جنهن ۾ درگاهه جو گادي نشين بادشاهه ميان فداحسين پيرزاده ۽ ميان بخش علي پيرزاده ميندي تقسيم ڪئي ان موقعي تي شاهه مردان حضرت سخي سڪندر بودلا سيوڻ جو گادي نشين سائين اختر حسين پيرزاده ۽ سائين سمير حيدر پيرزاده درگاهه حضرت سيد حاجن شاهه سخي بودلا بخاري رائي پور جو گادي نشين بادشاهه ميان فدا حسين پيرزاده، وزير سائين ميان بهاول الدين پيرزاده جو فرزند ميان ڪاظم علي پيرزاده پڻ شرڪت ڪئي جڏهن عرس جي آخري رسمن تي فقيرن هڪ ٻئي عرس جو مبارڪون ڏنو ۽ خوشي اظهار ڪيو آخر ۾ درگاهه تي فقرائي لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 19 سنڌيار

چانڊيو ضحيب احمد چانڊيو سڪندر علي چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته گذريل ڪن مهينن کان مس سائران ميمڻ نه پئي اچي اهڙيون شڪايتون ڊي او صاحب خيرپور ۽ ٻائيو ميٽنگ واري تسليم جتوئي کي ڪئي آهي پوءِ ڪجهه نه ٿي سگهيو آهي ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي منسٽرن ڊي سي خيرپور ميرس ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي اسڪول علي حسن چانڊيو مان ان مس سائران ميمڻ کي هٽائي بهترين ٽيچر ڏني وڃي ۽ برساتين سبب اسان جي اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وئي آهي اسان جي اسڪول جي عمارت جو ڪم ڪرائي ڏيو وڃي ۽ اسان کي اسڪول جي فرنيچر جي پڻ ڪوٽ آهي اسڪول ۾ ليٽين به نه آهي اسان وٽ هڪ استاد موجود آهي ٻار جو تعداد ۽ سئو جي لڳ ڀڳ آهي اسڪول جي آيل بجيٽ جي پئسن کي به پڙڪو مڪمل جاچ ڪئي وڃي

بقايا 20 سنڌيار

صوفائي، رضا لانگاهه، سڪندر ڪورائي، فقير عزيز ساٻقي، مهجور غلام حيدر سولنگي، اسلم عباسي، معشوق محسن ابڙو، سيد ياسين شاهه، عنايت سولنگي، نجم سرهيو آسي لغاري، پير شمس الدين، آصف ڪورائي، وحيد علي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جتي هنن چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو جي پليٽ فارم تان اهو درد ڪٿي نڪتا آهيون ته اسان جي سنڌ جي اصل سنڌي ٻوليءَ جيڪا هزارين سال پراڻي ٻوليءَ آهي ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي، اسان جي سنڌ جي اڪثر ادارن ۾ لڳايل بينر سائن بورڊ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڻڻ بجاءِ ٻين ٻولين ۾ لکرائي لڳايا ويا آهن جيڪي لاهي انهن تي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکرائي پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت ڏياري وڃي ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ کي ترجيح نه ٿي ڏني جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اسان جي ٻوليءَ کي تباهه ڪيو پيو وڃي ان ڪري پرائيويٽ اسڪولن سان گڏ ڪاليج سطح تائين سنڌي ٻوليءَ لازمي قرار ڏني وڃي هنن وس وارن ادارن کان مطالبو ڪيو ته سنڌيءَ ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ بل پاس ڪرايو وڃي.

بقايا 21 سنڌيار

جو افتتاح ايڪسائيز انسپيڪٽر رفيق احمد خان مهر ۽ فوجي منظور احمد مهر عبدالرشيد مهر جن ڪيو ٽورنامينٽ جو پهريون ميچ شاهين اليون حمزو مهر ۽ آصف خان اليون جي ٽيمن وچ ۾ کيڏي وئي آصف اليون ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ جو فيصلو ڪيو جيڪو شاهين اليون لاءِ فائديمند ثابت ٿيو جنهن ۾ آصف اليون کي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو آصف اليون مقرر 8 اوور ۾ فقط 75 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو جيڪو شاهين اليون فقط 6 اوورن ۾ ڏنل ٽارگيٽ پورو ڪيو جڏهن ته ٽورنامينٽ جو ٻيو وڏو دنگل سکر ضلعي جي ٽيم پيٽرو سي سي ۽ گهوٽڪي ضلعي جي ٽيم شاهپور مهر سي سي جي ٽيمن وچ ۾ ٿيو جنهن شاهپور مهر سي سي پهريان بيٽنگ ڪندي مقرر 8 اوور ۾ 166 رنسن جو پهاڙ جيڏو ٽارگيٽ سيٽ ڪيو جنهن جي پويان پيٽرو سي سي جي ٽيم ٽارگيٽ تي پهچڻ ۾ ناڪام رهي اهڙي ريت شاهپور مهر ٽيم آساني سان ڪٽي ورتو جڏهن ته ٽورنامينٽ ۾ پرياسي جي هزارين تماشائين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تماشائين رانديگرن کي چڪن چوڪن تي خوب داد ڏنوس

بقايا 22 سنڌيار

سان گڏوگڏ تقريبن 50 ڳوٺن جي رهواسين جي لاءِ بي فائدا ثابت ٿيندو تفصيل موجب. خيرپور ناٿن شاهه پرسان ڪاچو ۾ ايريگيشن سنڌ سمال ڊيم طرفان سالاري نئين جي منهن تي ڊيم جي مد ۾ آيل ڏيڊ ارب روپيا ڪاچي واسين جي خوشحالي بجاءِ ڪاچي جي فطري حسن جي تباهي سان گڏوگڏ تقريبن 50 ڳوٺن جي رهواسين جي لاءِ بي فائدا ثابت ٿيندو ڊيم جي آس پاس جي ڳوٺن روحل گاڏهي، کوه موريو هيئين سالاري، مٽي سالاري ڳوٺ بخشل گاڏهي، نور محمد چنو ڳوٺ حملائي گاڏهي ڳوٺ عيدياڻي ۽ ٻين ڳوٺائن جو چوڻ هيو ته هن ڊيم کان اڳ ڪاچي جي مختلف نئين تي ٺهيل ڊيم مکي ڊيم ،پوري ڊيم، دلان ڊيم ۽ منگو ڊيم سان گڏوگڏ ٻيا ڊيم هن وقت تائين ڪوبه فائدو نه ڏئي سگهيا آهن بلڪ اتان جون زمينون آباد ٿيڻ بجاءِ بنجر بڻجي ويون آهن هنن جو چوڻ هيو ته ڏيڊ ارب روپيا ڊيم ٺاهڻ جي بجاءِ اسان جي روڊ، رستا ، بجلي اسپتال، اسڪول سان گڏوگڏ ٻين سهولتن تي خرچ ڪيا وڃن ته جيئن اسان لاءِ ۽ ايندڙ نسل کي فائدو ملي سگهي.

بقايا 23 سنڌيار

خزانچي عطا سهتو آڊيٽر ارباب چاچڙ ڪائونسلر اصغر علي سمون ڪاروباري ڪاميٽي ۾ ساقي ڪريم بخش مگڻهار، ممتاز مسيح، محمد اڪرم منگي، غلام مصطفيٰ (جي ايم) مهر ۽ شمن سگهڙ دايو جن چونڊيا ويا چوند ڪانپوءِ "سنڌي ٻولي، قومي ٻولي" جي سري هيٺ مشاعرو ٿيو جنهن ۾ شاعرن نکور تخليقون پيش ڪري پنهنجي جيجل سنڌ امڙ جي ٻولي ۽ لولي تي خوب بحث مباحثا ڪري ڏات و ڏانءَ جا گوهر اريا.

بقايا 24 سنڌيار

بڻيل شهري غيرمحفوظ گذريل ڏينهن ڪولاب جيل واسي نوجوان مظهر علي ابڙو کان هٿيارٻندن موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نوجوان پاران مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو اهڙي واقعي بعد مقتول جي وارثن فيض واهه ٽنڊومستي قومي شاهراهه دعا چوڪ وٽ روڊ بلاڪ ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي سخت احتجاج ڪندي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

بقايا 25 سنڌيار

پگريڊيشن ۽ پروموشن آڏو موجود رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن اسما تنظيم جي پليٽ فارم تان آرگنائيزرس، شفيق الرحمن پنهور ، عبدالستار لنڊ، مظهر لهمر اياز علي لنڊ ،امتياز ملاح ،فيصل خان مستوئي، ۽ ٻين جو چوڻ آهي ڌ اسان سان ٿي گڏ ساڳي ٿئي تاريخ تي ۽ ساڳي ئي ٽيسٽ ذريعي ڀرتي ٿيل 14 هين گريڊ جو اسسٽنٽ اڄ 17 هين گريڊ جو سپرنٽينڊنٽ ۽ نائين گريڊ ۾ ڀرتي ٿيل جونيئر ڪلارڪ اڄ 16 هين گريڊ جو اسسٽنٽ ٿي چڪو آهي پر مانيٽرنگ اسسٽنٽ اڄا تائين 14 گريڊ ۾ ئي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ موجوده سروس اسٽرڪچر موجب مانيٽرنگ اسسٽنٽ 14 گريڊ ۾ ئي رٽائر ٿيندا اهو سراسر ناانصافي آهي. سنڌن چوڻ آهي ڌ اها سنگين ادارتي نا انصافي بند ڪئي وڃي ۽ اسانکي پنهنجو احتجاجي دائرو وسيع ڪرڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي اسين گورنمينٽ آف سنڌ ۽ مانواري چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪا ڪيون ته سڄي سنڌ جي مانيٽرنگ اسسٽنٽس کي اپگريڊ ڪيو وڃي ۽ دادو ۽ پوري سنڌ جي مانيٽرنگ ٽيم جا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن.

بقايا 26 سنڌيار

ضلع ۾ زلزلي متاثرن لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جي مهم دوران 18 فيبروري تائين مختلف ڌرين سماجي تنظيمن ۽ سرندي وارن طرفان 17 لک 11 هزار 8 سئو 10 روپيا جمع ڪرايا ويا آهن

بقايا 27 سنڌيار

ڪانسواءِ ٽڪو حل ٿئي. هنن چيو ته ٽريزري آفيس ٺٽو ۾ مقرر ڪامران مانجهند جيڪو لائيو اسٽاڪ جو ملازم هجڻ سان گڏ عبدالله باجاري جيڪو CM Sindh جو پرسنل اسسٽنٽ آهي، انجو پاڻهه هجڻ ڪري بنا ڪنهن خوف جي ماڻهن کي بليڪ ميل ڪري جائز ڪم تان ۾ رشوت خوري ڪري پنهنجا پيٽ ڀري رهيو آهي، هنن انڪشاف ڪيو ته عبدالله باجاري هڪ ٿئي وقت ۾ 3 ضلعن ٺٽو الهيار، حيدرآباد ۽ ٺٽو جي ٽريزري آفيسون سنڀالي اتي سب اڪائونٽنٽ بڻيل آهي، پر سليم باجاري جي آشيرواد سان سموريون چارجون حاصل ڪري ٺٽي جي مسڪين ماڻهن کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ ۾ مصروف بڻيل آهي. هنن اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته عبدالله باجاري جي نه آئي ڊي ٿي استعمال ٿئي ۽ نه ئي ڪنهن پني تي ڪا صحيح به ڪري ٿو اهو هوندي به ڪيس ايترا پاور عوام جي سمجهه کان ٻاهر آهن. هنن گهر ڪئي ته ٽريزري آفيس ٺٽو مان رشوت جي بازار کي ختم ڪري عوام جا جائز مسئلا فورن حل ڪرڻ سميت رشوت خور عملي خلاف ڪاروائي ڪري هتان جي ماڻهن کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا 28 سنڌيار

عبادس نالي شخص کي مالڪ ڪري پوليس کي چشمو ڏئي سٽي ڪورٽ سگوري ۾ ڪرائيدارن پٽيشن درج ڪري ورتي. منهنجي بن دڪانن تي محمد سرور پنجر وارو ۽ غلام سرور نائي. ڊرامو ڪري قبضو ڪيو آهي . سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ وس وارن جي نوٽيس جي اپيل تفصيل موجب ڪورنگي مهراڻ ٽائون D.11 بس اسٽاپ جي ويجهو قائم العمران ڪيمونيڪيشن جي مالڪ حسين دين پاران ڪي آئي اي ٿاڻي جي ٻاهران احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت مهراڻ ٽائون ۾ گذريل ڪافي عرصي کان رهائش پذير آهيون مهراڻ ٽائون D.11 بس جي ويجهو مهر اسٽور جي سامهون 3 دوڪان ٺهيل آهن جنهن ۾ هڪ دوڪان منهنجو ايزي لوڊ العران ڪميونيڪشن جي نالي سا آهي ٻيو دوڪان غلام سرور ولد محمد شريف کي (نائي يعني حمام) جو ڏنل آهي ۽ ٽيون دوڪان محمد سرور ولد سردار کي ڏنل آهي گذريل 10 سالن کان اسان ٽئي انهي دوڪانن ۾ سابق مالڪ محمد قاسم ولد شير محمد جا ڪرائيدار رهياسين جڏهن هي پلاٽ 80 گز جو آهي جنهن ۾ 3 فرنٽ تي دوڪان ۽ ان سان گڏو گڏ پوئتي هڪ وڏو ڪمرو .ان سان گڏ ڪچن . واش روم موجوده آهن جڏهن اهيو پلاٽ اڳوڻي مالڪ محمد قاسم کان خريد پيا ڪيون ت آن دوران اسان ٻنهي ڪرائي دارن يعني ٻنهن سرورن جي سامهون محمد قاسم ولد شير محمد کان 15 لکن روپين ۾ ورتوهيوسين جنهن دوران اسان محمد سرور ولديت سردار کان هن سيل ايگريمنٽ جي پيپرن تي گواهه جي بنياد تي فنگر ۽ صحيح ڪرايل آهي ان سان گڏوگڏ ٻين گواهن کان پڻ صحيح ۽ فنگر ورتل هئا اسان پنهنن ڪرائيدارن کي ان وقت ٿي ٻئي دوڪان ڪالي ڪرڻ جو چيو ت هنن منهنجي وڏي ڀاءُ نورالدين کي هٿ ٻڌي چيوت اسان کي هڪ مهيني جو ٽائيم ڏيو وڏي ڀاءُ منهنجي هنن کي چيوايترو وقت گڏ گزاريو آهي ان ڳالهه جو احساس ڪندي اسان هنن کي ٽائيم ڏنوسين جڏهن اهو ٽائيم ويجهو ٿيو ڪالي ڪرائڻ جو ت هن ٻنهي ڪرائيدارن ملي پڳت ڪري هڪ لينڊ مافيا جي سرپرست ملڪ غلام عباس نالي شخص کي اڳيان آڻي ڪري اسانجي خلاف KIA ڪورنگي ٿاڻي تي پٽيشن داخل ڪرائي اسانکي موجوده ايس ايچ او شاره خان وٽ طلب ڪرايو ان کان پوءِ اسان اڳوڻي مالڪ محمد قاسم کي ٿاڻي تي گهرايوسين جنهن اسان جي حق ۾ اسٽيٽ مينٽ ڏني ت مان هي پلاٽ حسن دين سولنگي کي ڏنو آهي ان کان پوءِ هي اتان ٽئي جڻان گول ٿي ڪري هڪ بيهر ڊرامون ڪري ڪوڙو پلاٽ جو ايگريمنٽ ٺهرائي ان تي اڳوڻي مالڪ محمد قاسم جا ڪوڙا فنگر جارائي ٿنهن کان علاوه. غلام سرور نائي ۽ محمد سرور پنجر واري کان ڪوڙو ڪرائي نامو ٺهرائي هنن ٻنهن جا فنگر پرنٽ ڪرائي سٽي ڪورٽ سگوري فسٽ فلور 30 نمبر سيول جج وٽ ٻنهن ڪرائيدارن درخواست عباس جي مٿان ڪئي آهي ان اهيو ڄاڻايو هيوت ملڪ غلام عباس هنن دوڪانن جو مالڪ آهي جنهن اسان سان سال جي ايگريمنٽ ڪرائي هٽي هاڻي بغير نوٽيس جي اسان کي دوڪان ڪالي ڪيو ڪرائي جنهن جي لاءِ اسانکي وڌيڪ ٽائيم ڏنو وڃي جڏهن اسان کي خبر پئي ت هنن پيو ڊرامو ڪيو آهي وري اسان پنهنجي وڪيل جي مدد سان هنن سان 3 مهينن تائين جدوجهد جاري رکندا رهياسين ان کان پوءِ هن ٽنهي بليڪ ميلر فسٽ فلور 30 نمبر ڪان ڪيس کي وٽ ڊراءِ ڪري انهي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي فسٽ گرائونڊ جي هيٺ رينٽ ڪنٽرول سينٽر جج وٽ ملڪ غلام عباس پاران اسان کي بليڪ ميل ڪرڻ جي لاءِ وري ٻنهن ڪرائيدارن جنهن ۾ غلام سرور نائي. محمد سرور پنجر واري مٿان درخواست ڏني آهي ۽ ان داخل ڪرايل درخواست ۾ ڪرائي ن ڏيڻ سبب ڄاڻايو ويو آهي هڪ طرف ٻنهي ڪرائيدارن غلام عباس جي مٿان ڪجهه مهينا اڳ فسٽ فلور 30 نمبر ڪورٽ ۾ ڪرايل درخواست جي ڏنل موقف ۾ ت غلام عباس اسان کان دوڪان اڳ وات ڪالي ٿو ڪرائي هاڻي غلام عباس انهن ٻنهي ڪرائي دارن تي ڪرايل درخواست ۾ موقف ٿو ڄاڻائي ت مونکي ڪرائيدار ڪرايون ٿا ڏين حسن دين وڌيڪ ٻڌايو ت اسان ب هنن جي خلاف پٽيشن بيهر داخل ڪرائي آهي ان جي هيئرنگ . 21.03.2023 تي آهي مان ڀرزور اپيل ٿو ڪيان چيف جسٽس آف پاڪستان . سنڌ هائي ڪورٽ ۽ اعلا حڪمرانن کي خاص ڪري سٽي ڪورٽ سگوري جي رينٽ ڪنٽرولر سينٽر جج صاحب کي ت خدارا مونسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ لينڊ مافيا جي سرگرم ملڪ غلام عباس. محمد سرور پنجر والا . غلام سرور نائي کي جي خلاف سخت کان سخت ايڪشن ڪنيون وڃي ت جيئن ٻي ڪنهن مالڪن سان ڪرائي جي بهاني دوڪانن تي قبضون ڪن

بقايا 29 سنڌيار

سال 2022 ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي واري ڏينهن تي ڊيوٽي دوران نامعلوم گاڏي جو ٽڪر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيو هو جنهن جو هن شڪارپور، سکر ۽ ڪراچي جي مختلف اسپتالن ۾ علاج ڪرايو ٻر شگر جو مريض هجڻ سبب سندس جو زخم ٺيڪ نه ٿي سگهيو ۽ هڪ ڄنگهه کان معذور بڻجي ويو جاويد احمد شيخ هڪ ڄنگهه کان معذور ٿيڻ بعد زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ رهڻ بعد 5 فيبروري 2023 تي زندگي جي جنگ هارائي ويٺو مرحوم جاويد احمد شيخ جي وارثن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪندي چيو آهي ته پوري زندگي فرض شناسي سان ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ جاويد احمد شيخ جا رهيل ميڊيڪل بل پاس ڪيا وڃن ۽ سندس اولاد کي پوليس ۾ نوڪري ڏني وڃي ته جيئن هو پنهنجي والد جي مشن کي به جاري رکن ۽ پنهنجي گهر جو گذر سفر به آساني سان ڪري سگهن.

بقايا 30 سنڌيار

بادشاهه جي 97 سالا عرس مبارڪ جون تقريبون ٻئي ڏينهن به جاري رهيون هن ورسي جي موقعي تي سنڌ جي مختلف شهرن ڪشمور بدائي بخشاپور ڪندڪوٽ ٺل ڪرمپور ۽ جيڪب آباد سميت پرياسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن مان سوين پانڌيڙن شرڪت ڪئي ورسي ميلي جي ٻئي ڏينهن تي صوفيائي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن خيرپور ڪندڪوٽ ڪرمپور مان نامور ڳائڻن پويٽ ملهار السٽي فقير سيد راشد شاهه جيلاني شعيب چنو ۽ گل حسن ٿهيم صوفياڻو ڪلام ڳائي آيل عوام کي روحاني سڪون پهچايو ان موقعي تي ميلي جي ڪميٽي طرفان آيل عقيدتمندن لاءِ لنگر جو بندوبست به ڪيو ويو ميلي ۾ غوثپور پوليس ٿاڻي جي ايس ايچ او اختيار احمد ناريجو پاران سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن

بقايا 31 سنڌيار

ڪيو ويو ان موقع تي اعجاز ڪليري ۽ ٻين جو چوڻ هيو ته 21 فيبروري تي پاڪستان نرسنگ ڪايونسل ۾ سنڌ جي نرسز ميمبر جي سيٽ تي اليڪشن ٿي رهي آهي جنهن ۾ منهنجو انتخابي نشان چراڳ آهي جنهن تي ٺپو هڻي مونکي ڪامياب ڪندا انشاءَ الله پاڪستان نرسنگ ڪايونسل ۾ سنڌ جي نرسز جي آواز بڻجي سنڌ ڌرتي جي نرسز جي خدمت ڪندو رهندس اسان جو منشور نرسنگ اينڊ مڊوائيفري ۾ ضروري ترميم ڪرائڻ نرسز لائيسنس ڪارڊ جو جلد کان جلد ڪم مڪمل ڪرائڻ ايم ايس اين ۽ بي ايچ ڊي نرسز جي لاءِ نيشنل ۽ انٽرنيشنل سطح تي اسڪالرشپ وٺرائڻ جڏهن ته ان موقعي تي ينگ نرسز ايسوسي ايشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سيد شاهد اقبال جو چوڻ هيو ته ينگ نرسز ايسوسي ايشن نرسز لاءِ بي لوس خدمت ڪيي آهي اسٽاف نرسز جا پروموشن هيلٿ پروفيشنل الاونس ميس الاونس. نرسنگ شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ وظيفا ڏيارڻ سميت ٻين مسيلن جي حل لاءِ ينگ نرسز جون خدمتون آهن جڏهن ته ان موقعي تي ينگ نرسز ايسوي ايشن ڊويزن شهيد بينظير آباد جو انفارميشن سيڪريٽري عمران رفيق چوهاڻ نوشهرو فيروز ضلعي جو صدر اعظم ڀٽو. جنرل سيڪريٽري هارون ڀٽو سمير ينگ نرسز ايسوسي ايشن جي اڳواڻن ۽ ميبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي

بقايا 32 سنڌيار

سان ڪاروبار توڙي عام زندگي گذارڻ مشڪل ٿي پيو جونديل نمائندن توڙي سرڪاري مشينري غائب گٽرن جو گندو پاڻي بيهڻ سبب مڇرن. دست - خارش جهڙوڪ خطرناڪ بيمارين جنم وٺڻ شروع ڪري ڏنو چونڊيل نمائندن سان گڏ سرڪاري عملي به سار نه لڏي علائقي واسين به چونڊيل نمائندن توڙي سرڪاري عملي مان بيزار

بقايا 33 سنڌيار

بشير خاصخيلي حسين بخش ناريجو يعقوب سولنگي پرويز راجپر سرور ڀٽو ميهنل چنو ۽ ٻين وفدن سان ڳالهائيندي حاڪم علي جسڪاڻي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي غريبن هارين مزدورن جي پارٽي آهي ملڪ ۾ مهانگائي عمران خان جي پاليسين جو نتيجو آهي ڪي پي او جي آفيس تي حملي وارا ماڻهو سزا کان نٿا بچي سگهن ڪراچي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ترقياتي منصوبن جي ڪري بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ڪراچي جو ميئر جيالو ٿيندو خارج وزير بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم ٿيڻ کان ڪير روڪي نٿو سگهي

ڪشمور جي ڳوٺ بخش مزاري ۾ ٽي سال اڳ قتل ٿيل رٽائرڊ ماستر جو جرڳو، 2 ڪروڙ ڏنڊ

ايڇ ايس ٽي رٽائرڊ ماستر فيض محمد مزاري جي مامن هٿان قتل ٿي وڃڻ واري واقعي جو جرڳو ٿي گذريو

قابل مزاري ڌر مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سندن مٿان مجموعي طور 2 ڪروڙ 40 لک رپيا ڏنڊ رکيو ويو

جوابدار ڌر 20 لک رپيا روڪ رقم ادا ڪئي ۽ پٽن طرفان 10 لک قرآن پاڪ ڪٽي اڇڻ تي معاف ڪري ڇڏيو

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور جي ڳوٺ بخش مزاري ۾ ٽي سال اڳ ٻن ڌرين وچ ۾ زمين تڪرار جي خاتمي لاءِ منصف ٿي ويندڙ ايڇ ايس ٽي رٽائرڊ ماسٽر فيض محمد مزاري جي مامن هٿان قتل ٿي وڃڻ واري واقعي جو جرڳو ٿي گذريو عيسياڻي مزاري برادري جي وڏيري غلام حسين مزاري جي سربراهي هيٺ ٿيل جرڳي ۾ جوابدار قابل مزاري ڌر مٿان پنهنجي سڳي ڀائيجي ايڇ ايس ٽي رٽائرڊ ماسٽر فيض محمد مزاري کي قتل ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سندس مٿان مجموعي طور 2 ڪروڙ 40 لک رپيا ڏنڊ رکيو ويو جوابدار ڌر 20 لک رپيا روڪ رقم ادا ڪئي ۽ مقتول جي پٽن طرفان 10 لک قرآن پاڪ ڪٽي اڇڻ تي معاف ڪري ڇڏيو جوابدار ڌر رهيل، 2 ڪروڙ 10 لک رپيا ڏنڊ جي رقم ٽن مهينن اندر ادا ڪندا فيصلي ڪانپوءِ ڌريون کير ڪند ٿي ويون.

نئون ديرو ۾ بدامني ۽ چورين جي خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران مظاهرو

نئون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي اڳيان پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پوليس پاران ڦريل رقم يا ڦر ٿيل سامان اڌورو اڌورو ڏيڻ اهو کهڙو ۽ ڪٿان جو انصاف آهي

اهڙي عمل ڪرڻ کان پوءِ شهري مڪمل طور تي پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهي رهيا آهن:مظاهرين

نئون ديرو(رپورٽ شاهه محمود ڀٽو)نئون ديرو ۾ وڌندڙ بدامني لوٽ مار ۽ چورين جي خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي نئون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي اڳيان پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شامل مظاهرين پوليس خلاف سخت نعري بازي ڪئي ڊي ايس پي نئون ديرو، ايس ايڇ او نئون ديرو کي هٽائڻ جو مطالبو نئون ديرو ايڪشن ڪاميٽي نئون ديرو جي سڏ تي شهرجي سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي، احتجاج ۾ شامل اڳواڻن جو چوڻ هيو ته نئون ديرو ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي آهي ڏينهن ڏٺي دڪاندارن کان ڦر ڌاڙا لٽ مار ڪرڻ ۽ پوليس پاران ڦريل رقم يا ڦر ٿيل سامان اڌورو اڌورو ڏيڻ اهو کهڙو ۽ ڪٿان جو انصاف آهي ۽ پوليس جي اهڙي عمل ڪرڻ کان پوءِ شهري مڪمل طور تي پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهي رهيا آهن ،پوليس نه ئي چورن ۽ ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ڪورٽن ۾ پيش ڪري ٿي نه ئي پوليس شهر ۾ ڪو امن امان ڪرائڻ ۾ ڪا دلچسپي رکي ٿي ، جيڪڏهن ٿاڻي ڌار سياسي نوڪر بڻجي ڪر ڪندو ته عام شهري کي ڪير انصاف ڏيندو ,احتجاج ۾ شامل پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جو اڳواڻ سليم احمد چنه , وريام علي چنه ,جمعيت علماء اسلام ف جو اڳواڻ مولانا عبدالقدوس پنهور, پاڪستان تحريڪ انصاف جو منظور منگي، عوامي تحريڪ جو اڳواڻ امان الله ڀٽو ,مزدور اتحاد جو اڳواڻ صاحب خان شيخ، زاهد علي ڪلر ,مسلم ليگ (ف)جو نسيم احمد مگنيجو،نوجوان اتحاد جو اڳواڻ راحيل عباس ڪلهوڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ,احتجاج ۾ شامل ماڻهن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته غير زميوار ڊي ايس پي نئون ديرو فدا حسين لانگاهه ايس ايڇ او نئون ديرو عبدالرحمان ڏاريجو کي هٽائي ڪوئي ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت کان سخت احتجاج ڪيو ويندو.



نئون ديرو: بدامني ۽ چورين جي خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سانگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ نرچ مان پاڻي وارو بيڪومشين چوري جي ڪوشش ناڪام

بيڪومشين چوري ڪندي ڳوٺاڻن چور پڪڙي ورتو، سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

پڪڙيل چور کي ڳوٺاڻن مارڪٽ بعد سانگي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو، ڪيس داخل نه ٿيو

سلطانپور(رپورٽ:قربان علي مهر) سانگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ نرچ مان پاڻي وارو بيڪومشين چوري ڪندي ڳوٺاڻن هڪ چور پڪڙي ورتو،سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ، پڪڙيل چور کي ڳوٺاڻن مارڪٽ بعد سانگي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو تفصيل موجب سانگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ نرچ مان گذريل رات پوروهيت غلام نبي ڪلهوڙو جو زمين تي لڳل بيڪومشين چوري ڪري رهيا هئا ته ڳوٺاڻا پهچي پيا جن هڪ چور سعيد چنو کي سرگهو ڪري ورتو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويا ڳوٺاڻن چور کي مارڪٽ بعد سانگي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ميڊيا پاران موقف وٺڻ تي نرچ چوڪي انچارج نذير ڪلهوڙو ٻڌايو ته ڳوٺاڻن پاران پڪڙيل چور کي لاڪ اپ حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ٿيل ساٿين جي ڳولها لاءِ ڪاروائي جاري آهي

242 جي اميدوار پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار حاڪم علي جسڪاڻي اليڪشن آفيس ۾ روزانو جي بنياد تي ڀيهي علائقي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو ان موقعي تي سجل ڳوٺ يوسي 3 جي چيرمين سماجي اڳواڻ تاج ٺو محمد وسان ڳالهائيندي چيو ته ڪچين آبادين جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ترقياتي ڪمن جي شروعات پاڪستان پيپلزپارٽي ڪئي آهي سڄي آبادين ۾ گيس پاڻي بجلي جا منصوبا شروع ڪنداسين

بقايا 34 سنڌيار

صوبيدار ميجر غلام شبير جروار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي سٽي نئون ديرو جي صدر سڪندر علي ناريجو نائب صدر مختيار علي مگنيجو غلام حيدر چنه. اختيار علي ميراڻي، ادريس موريو احمد لاشاري، اوشاق لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي ته اڳواڻن جو چوڻ هيو ته موجوده سرڪار ريڪارڊ ٽوڙ مهانگائي ڪري غريب ماڻهو جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، وفاقي سرڪار پاران پيش ڪيل مني بجيٽ ڪنهن زلزلي کان گهٽ ناهي ان مني بجيٽ جي پيش ڪرڻ سان وڌيڪ مهانگائي وڌي وئي آهي 500 روپيا ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور پنهنجا ٻارن کي ٻه وقت جي ماني ڪارائي يا انهن کي تعليم ڏياري هاڻي ته اسان جا نسلن جا نسل اڻ پڙهيل ٿي ويندا هنن مطالبو ڪيو ته مهانگائي کي گهٽ ڪري عام ماڻهو کي رليف ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي دائري کي وڌايو ويندو.

بقايا 35 سنڌيار

محنت ڪري هزارين ايڪڙن تي ٽماٽي جو فصل پوکي تيار ڪيو آهي جيڪو هن وقت مارڪيٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪراچي حيدرآباد لاهور پنڊي پشاور ڪوئيٽا ۽ بدين جي واپارين ٽماٽي جو اگهه ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري مهينو اڳ 150 روپيا ڪلو وڪرو ٿيندڙ ٽماٽو هن وقت بازارن ۾ ڳاڏن تي 10 روپيا ڪلو وڪامجي رهيو آهي جڏهن ته منڊي ۾ آبادگارن کان ان کان به گهٽ اگهه تي ٽماٽو خريد ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري ڪين سخت نقصان رسي رهيو آهي ان سلسلي ۾ آبادگار اڳواڻن محمد خان ساريجو لالا نواز شيخ عزيز الله ڏيرو ٻڌايو ته بدين ۾ واپارين هڪ هٽي قائم ڪري ٽماٽي جو اگهه ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهنڪري آبادگارن طرفان ڪيل پوکي جو خرچ ته نٿو نڪري پر فارم کان منڊي تي ٽماٽو پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو خرچ به نٿو نڪري هن چيو ته آبادگارن جي حڪومتي سرپرستي نه هجڻ سبب بدين جي آبادگارن جو ايندڙ هر فصل ماري ڪنيو پيو وڃي جنهن ڪري هاري ۽ آبادگار طبقو قرضي ٿي ويو آهي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بدين جي آبادگارن ۽ هارين کي واپارين جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران سنڌن مالڪي ڪري بدين ۾ ٽماٽي ڪيچپ ۽ ٽماٽو ساس جا ڪارخانا هنيا وڃن ۽ ڊيساور ۾ ٽماٽو موڪلي ناڻو ڪمائڻ جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن غريب آبادگار سک جو ساهه کڻن هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان آبادگارن جي مالڪي نه ڪرڻ جي ڪري هر سال سنڌ جي سڀ کان وڏي ٽماٽا منڊي جي آبادگارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچي رهيو آهي

بقايا 36 سنڌيار

آئي بي اي ٽيسٽ پاس استادن کي ڀرتي ٿيندي 11 مهينا گذري ويا آهن، پر ٽريزري پاران سنڌن پگهارن واريون آئيڊيون نه کوليون ويون آهن. جنهن ڪري 11 مهينن کان وٺي سنڌن پگهارون نه ٿي سگهيون آهن. هنن چيو ته 11 مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري استادن جي گهرن ۾ فاڪا ڪشي جي صورتحال آهي. سيڪريٽري تعليم ۽ فنانس کاتي کان گهر ڪئي ته فورن نون استادن جون آئيڊيون کولي ڪين پگهارون ڏنيون وڃن.

بقايا 37 سنڌيار

اسحاق مهاجر جي دڪان مان ٽامون پتل چست جو 70000 هزار ربين جو سامان ڪٽي ويا ساڳي روڊ تي انور ملاح جي هوٽل جون سولر پليٽون لاٿي ويا ان ڪانسواءِ طالب سومرو جي مرغي جي دڪان جو صندل چوري ڪري ڪٽي ويا بدين پوليس سرزمين تي پهچي جانچ شروع ڪئي هوڏانهن واقعي کان پوءِ شهرين جو هنگامي اجلاس ٿيو بدين شهر ۾ وڌندڙ چورين تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته بدين شهر ۾ چورين جو آزار بند ڪرائي شهرين جون ٿيل چوريون ڪين واپس ڪرائي ڏنيون وڃن ٻي صورت ۾ شهري سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 38 سنڌيار

ملاح ۽ ٻين سان گڏ بدين پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌن نوجوان پٽ عرفان ملاح هڪ با اثر وڏيري انور چانڊيو جي فلٽر پلانٽ تي مزدوري ڪندو هو ڪيس انور چانڊيو ۽ ان جو پٽ غلام مصطفيٰ چانڊيو اسان جي گهر وارو پلاٽ ڪين وڪرو ڪري اتان لڏي وڃڻ لاءِ دٻاءُ وجهندا رهيا اسان پلاٽ هنن کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هنن عرفان ملاح کي ڦاسائڻ لاءِ بدين پوليس سان ڳٽ جوڙ ڪري منهنجي پٽ عرفان کي گهران سڏ ڪري وٺي ويا ۽ ڪيس سولر پليٽ ۽ پکو بازار ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ڏنا جنهن بعد پوليس سان ملي پڳت ڪري غريب عرفان ملاح جي مٿان سولر پليٽون ۽ پنکو چوري ڪرڻ جو بدين ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڪيس گرفتار ڪري ان تي تشدد ڪيو ۽ جيل موڪلي ڇڏيو آهي هنن چيو ته اهو ظلم اسان کي پنهنجي پلاٽ تان بي دخل ڪري قبضو ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي بي ريا جانچ ڪرائي ڪين انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا 39 سنڌيار

، صوبائي صدر انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن سنڌ. خبر موجب: صوبائي صدر انفارميشن ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر اشفاق احمد ملاح انفارميشن ٽيڪنالاجي جي هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته انفارميشن ٽيڪنالاجي جا ملازم هر محڪمي جي اندر ڪرنگهي جي حيثيت رکن ٿا ان ڪري گريڊ 17، آئي، ٽي پروفيشنل الائونس ۽ ريمينگ ڪيڊرس جي اپ گريڊيشن انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جو بنيادي حق آهي ۽ اسان کي اسان جي حق وٺڻ کان ڪير به محروم نه ٿو سگهي ان وڌيڪ ڳالهائيندي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن کي اپيل ڪئي ته پاڻ ۾ ٻڌي رکو ۽ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيو ته جيئن سامهون ايندڙ وڏي کان وڏي مسئلن کي هڪ ٻئي جي ساٿ سان حل ڪري سگهجن هن وڌيڪ چيو ته انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ڪنهن به ملازم سان ڪا به ناجائزي برداشت نه ڪئي ويندي چوجو انفارميشن ٽيڪنالاجي جو پليٽ فارم سنڌن حقن کي محفوظ بنائي ٿو ان موقعي ته هن سکر ڊويزن لاءِ محسن خان ميمڻ کي صدر، سيد يامين شاهه کي سينيئر وائيس پريزيڊنٽ، محمد ذاڪر آرائين وائيس پريزيڊنٽ ون، مير محبوب علي ٽالپر کي وائيس پريزيڊنٽ ٽو آصف رضا اڄڻ کي جنرل سيڪريٽري، عديل احمد ملڪ کي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، سيد آصف علي شاهه کي انفارميشن سيڪريٽري، سيد طاهر شاهه کي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ناصر پٺاڻ کي فنانس سيڪريٽري طور نامزد ڪيو ويو ان موقعي تي صوبائي قيادت جاويد علي ڪيريو اي جي انصاري، سجاد مگسي، مير جام ڏهري، راحب حسين عارباڻي سميت لاڙڪاڻي ڊويزن جي قيادت عامر علي عباسي، وحيد ڦلپوٽو رمضان سولنگي، گدا حسين، شبير ڪلوڙ، سميت ٻين خطاب ڪندي چيو ته آئي، ٽي، ايءِ، اي سنڌ صرف ۽ صرف انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جي جائز مسئلا بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي حل ڪرڻ ۾ يقين رکي ٿئي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به مسئلي تي ڪمپرومائيز نه ڪيو ويندو، پروگرام جي آخر ۾ سکر ڊويزن جي نئي چونڊيل باڊي جي حلف برداري به ڪئي وئي بعد ۾ نئي چونڊجي آيل ڪميٽي آئي ٽي ايسوسئين جي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ يقين ڏياريو ته هو سکر ڊويزن جي آئي، ٽي ملازمن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. ان موقعي ته سکر ڊويزن جي هر هڪ محڪمي سان لاڳاپيل انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ملازمن جي وڏي تعداد موجود هئي.

بقايا 40 سنڌيار

شروع ٿي ويو آهي جنهن جو افتتاح شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن جي مرڪزي چيئرمين علي محمد سومرو سردار عبدالخالق سومرو سردار عبدالصمد سومرو سردار سمير خان سومرو ڊاڪٽر حنيف سومرو سليمان سومرو علي گل سومرو ۽ ٻين شهيد سلطان دودو سومرو جي مزار تي چادر چاڙهي ڪيو جڏهن ته عرس مبارڪ ۽ يوم تاسيس جي موقعي تي صوبي جي مختلف شهرن مان شهيد دودو سومرو جي پوئلڳن جي آمد جو سلسلو جاري آهي ٻي طرف رات جو ادبي ڪانفرنس دوران مختلف اديبن محققن سومرن جي چار سئو سال سنڌ تي حڪمراني شهيد دودو سومرو جي تخت روپاري تي دهلي جي حڪمران علاالدين خلجي جي ڪاهه ۽ پنهنجي ننگن ۽ دنگن لاءِ سورهيائي سان وڙهي شهيد ٿيڻ توڙي چنيسر جي ڪردار تي روشني وڌي جڏهن ته يوم تاسيس موقعي تي تاريخي ماڳ روپا ماڙي تي تي ڪتابن ڪاڏي پيتي جي مختلف شين مٿاين سان گڏ وندر ورون جا مختلف اسٽال لڳايا ويا محفل موسيقي دوران قومي راڳي وقار ملاح ۽ ٻين قومي ۽ صوفي گيت ڳائي محفل محفل کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا ڇڏيا

بقايا 41 سنڌيار

ڪوٽ جي شڪايتن جو ازالو ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي ، بلڙي شاخ جي پڪي ٿيڻ واري عمل تي آبپاشي کاتي جي ايڪسين غلام عباس پنهور ، آبادگار اڳواڻ ميرڪاظم رضا ٽالپر ، احمر ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا کي پريس بريفنگ ڏيندي چيو ته هڪ هزار 25سو ايڪڙن کان وڌيڪ زرعي زمين لاءِ بلڙي شاخ مان پهريون ڀيرو پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي ، جنهن ۾ 68 ڪروڙ جي لاڳت سان شاخ کي پڪو ڪري هارين ۽ آبادگارن لاءِ زراعت جي پوک ڪرڻ ۾ فائديمند بڻايو ويو آهي ، جنهن ۾ 63 آر ڊين مان 20 آر ڊين مڪمل ٿي ويون آهن رهيل آر ڊين کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم جاري آهي ، هنن چيو ته سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ جي ڪري لکين ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ حوالي ٿي رهي آهي ، سنڌ جي لاڙ واري پٽي کي سمنڊ تمام گهڻو نقصان رسايو آهي ، جنهن ۾ دريائي ٻوڙ سان سنڌ جي زمين اتر ۽ لاڙ جي اندر بنجر ٿي رهي آهي جنهن ۾ شاخن کي پڪو ڪرڻ وارو عمل پاڻي جي ڪوٽ لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو ، آبادگارن ۽ هارين کي ان مان فائدو حاصل ٿيڻ سان گڏ سنڌ جي زراعت وڌيڪ تباهي کان بچي سگهندي جنهن لاءِ صرف هڪ شاخ کي پڪو ڪرڻ بجاءِ سڄي سنڌ جي شاخن کي پڪو ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار کي عملي قدم کڻڻ گهرجن ، برساتي تباهڪارين جو پڻ ازالو ڪرڻ گهرجي ، بلڙي شاخ جي پڪي ٿيڻ واري اسڪيم هزارين آبادگارن ۽ هارين لاءِ زرعي ڏڪار مان نجات حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين موقعو فراهم ٿي ويو آهي ، سنڌ جي لاڙ واري پٽي ۾ بلڙي شاخ جا آبادگار اڌ صدي کان پاڻي جي ڪوٽ جي ڪري پريشان رهيا آهن ، جنهن ۾ هاڻي ڪين تمام گهڻو فائدو حاصل ٿي سگهندو ، انهي موقعي تي دستاويزي فلم سان آبادگارن ۽ هارين کي بلڙي شاخ بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي ۽ ڪين پاڻي جي ڪوٽ کي نقصان کان بچائڻ لاءِ آگاهي ڏني وئي ، انهي موقعي تي بلڙي شاخ جي ننڍن وڏن آبادگارن هارين شرڪت ڪري ٿيل ڪم جو جائزو ورتو ۽ خوشي جو اظهار ڪيو.

بقايا 42 سنڌيار

۽ آجرجي ڏينهن تي روڊ استعمال ڪندڙن جي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.ان حوالي سان ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس سائوٿ زون جاويد علي مهر جو چوڻ آهي ته نيشنل هاءِ وي ۽ موٽر وي تي موڪلن دوران اڪثر گاڏين جي رش هوندي آهي، ان ڪري نيشنل هاءِ وي تي سمورن ٽال پلازن ۽ گائيڊس سينٽرس تي موٽر وي پوليس جا وڌيڪ آفيسر موجود هوندا آهن. روڊ سيفٽي بابت بريفنگ ڏيڻ کان علاوه ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ روڊ سيفٽي پمفليٽ، بڪ ليٽ، اسٽيڪرز ڏنا پيا وڃن ۽ روڊ سيفٽي بابت وڌيڪ آگاهي حاصل ٿي سگهي. ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس چيو ته روڊن تي سفر کي آسان ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ موٽروي پوليس جا آفيسر 24 ڪلاڪ روڊن تي موجود آهن، ڊرائيور ۽ موٽروي پوليس جو ساٿ ڏين ۽ گاڏيون احتياط سان هلائين ۽ قانون موجب گاڏيون هلائين ته جيئن مڪمل طور تي حادثن تي ضابطو آڻي سگهجي